
ڪهاڻي نمبر
ماهوار
سُقلتا
مئي 2014ع
حيدرآباد

ماھوار

# سڦلتا

(يادگار ڪھاڻي نمبر)

## مئي 2014ع

ڊجيٽل ايڊيشن:

2017ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ماهوار سقلتا (يادگار ڪهاڻي نمبر)“** اوهان اڳيان پيش آهي. ياد رهي ته ماهوار سقلتا جو اهو ڪهاڻي نمبر مئي 2014ع ۾ ڇپيو، جنهن جو ايڊيٽر هوش پٽي هيو.

هن شماري ۾ 50 کان وڌيڪ ليکڪن جون 60 ڪهاڻيون شامل آهن. ڪهاڻين کان پهرين منظور ڪوهيار جو ”مختصر ڪهاڻي جو فن“ مضمون، مقالو پڻ شامل آهي.

ٿورائتا آهيون پياري دوست عباس ڪوريجي جا جنهن سافٽ ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي.

اوهان سڀني دوستن، پڙهندڙن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**



# قصو هڪ بي بها نسخي جو

## منظور ڪوهيار

”اڳتي جو ڇا ٿيندو؟“

اهوسوال عمومن توهان کان گهر ۾، اسڪول ۾، ريل ۾، بس تي، آفيس ۾ ، نجي ڪچهريءَ ۾، جيل ۾ (جيڪڏهن توهان جيل جا عملدار يا قيدي آهيو ته ) اڪثر ماڻهن پڇيو هوندو . پر ٿي سگهي ٿو ته توهان پنهنجي علمي بصارت ۽ سياسي سمجهه تحت ڪين مطمئن ڪندا هجو. پر پنهنجا ته پگهر ئي نڪري پوند آهن، جيڪڏهن ڪو پڇي ويهندو آهي. ان وقت مان سوچڻ لڳندو آهيان ته، ڪاش ! مان ڪو خدا جو خاص ماڻهو هجان ها. جي خاص الخاص نه سهي ، پر هلڪو سلڪو قطب، ڪو ولي، ڪو پير ، ڪو فقير، ڪو انجم شناس، ڪو پئراسائيڪالاجسٽ ئي سهي.ڪجهه ته ايندڙ مستقبل لاءِ هام هڻان ها .دانيال پيغمبر وانگر ڪنهن وقت جي بخت نصر کي خوابن جي تعبير ٻڌائي خوش ڪري سگهان ها. ڪنهن ولي يا قطب وانگر سنڌ واسين کي ڏيجاري سگهان ها، ته سنڌ چاليهه سال اڳ غرق ٿيندي . ڪنهن انجم شناس وانگر ستارن جي گردش تحت ثابت ڪري سگهان ها، ته ايندڙ جنگ ۾ پنهنجو جهنڊو دهليءَ جي لال قلعي تي جهولندو ۽ جڳ ڏسندو. ناسٽر ڊامس وانگر ڪي اڻ ڳُڻ اڳڪٿيون لکان ها يا ڪنهن ساڌو،سنتفقير وانگر بيتن ۾ پيش گوئي ڪري سگهان ها ته ”جڏهن راجا ٿيندو راڪاس، ته مندين نه وسندا مينهن ، ڦري ڦري شينهن ڪندا

سلامي سيهڙ ڪي!“. ماڻهو ڀيو نہ تہ، ائين ئي رڳو چون ها تہ ”واہ ڙي واہ فقير ،واہ جي ڳالھ ڪئي اٿئي!“ ، تہ بہ چڻ لک ڪٽيان ها. پر ڇا ڪجي نہ اهڙي ڏات ملي، نہ عقل جي ڏاٽ ئي ڄائي . بس پنهنجي قسمت ۾ اهو لکيل ئي ڪونہ هو، تہ ڪا اڳڪٿي ڪري عزت ۽ شهرت ماڻجي......

پر ان ڏينهن انهيءَ احساس ڪمتري مان آجو ٿي ويس . جڏهن هڪ همراهہ ڳالھ ٻڌائي . ڳالھ ڇا هئي، بس ٻي ٻها نسخو... جيڪڏهن توها بہ انجم شناس ناهيو، گياني ڌياني پير فقير ناهيو، صرف عام ماڻهو آهيو تہ پوءِ هي نسخو اوهان ڪي بہ نذرِ الله نيازِ حسين مفت ۾ ڏجي ٿو. بس نسخي ڏيڻ واري جي حق ۾ دعا گهرجو، تہ هن جهان ۾ سندس عزت ۽ خير جي گذري، باقي اڳلي جهان ۾ پاڻ ڄاڻي ۽ اهو ڄاڻي........

ها! تہ نسخي وارو قصو هيئن آهي تہ ، ٿر جي ڪنهن نگر ۾، رات جي اونداهي ۾، ڪنهن پراڻي مندر ۾ . مهاراج هيرا لال بغير ڏيئي ۽ بصر جي، ويٺي مالها پئي جپي يا ڦيٽو پئي پڙهيو تہ اوچتو مهاراج کي ڪک سنگهي وڌو. مهاراج هانءُ ڦاڙ رڙ ڪئي،”اي مونکي الائي ڪهڙي بلا کائي وئي!؟“

اهو ٻڌي چيلا ٻتيءَ ڪٺي ڀڄندا آيا، ”هاءِ رام! “ جي دهائي ڏيندا آيا . ٻتيءَ جي روشنيءَ ۾ ڏٺائون تہ مهاراج پگهر ۾ شل ، آخري پساهن ۾ ڏگها ساہ پئي کنيائين.هڏڪي ڏيڻ کان اڳ اهو آديش ڏنائين ،”ماهجي مرتيہ کان پوءِ...... ماهجي آسڻ تي........ ماهجي سئوٽ بنسي لال کي...... گهوٽڪي مان گهرائي ويهارجو!.... .“

مھاراج جو ھيڏانھن ڪِريا ڪرم پئي ٿيو . ھوڏانھن چيلن ٽريلن جي صلاح پئي ھلي، ”اڳيئي گھوٽڪي جي سرڳواسي مھاراج نڪ ۾ دم ڪيو ھو. وري مٿان مھاراج جي سئوتر کي گھرين آٿين جھڙوڪر پيئڻ کي پاھجي وات تي ويھاريون. نہ ڀائي نہ ، اتراڏين ڪان ڀڳوان بچائي!“

سانن سنئوٹن ڪان پوءِ نگر جي مکي ۽ سر پئنچن کي چيلن گھرائي چيو، ”پئنچائت ٻڌي چڏي تہ سرڳواسي مھاراج چيلي چيتن داس کي سپوئي پُستڪ پڙھايا ھئا. پاڻ پِراڻ چِڏڻ ڪان اڳ ائين آديش ڏنائون، تھسندس ديھانت ڪان پوءِ سندس پيارو شِش چيتن داس مھاراج ٿيندو!“

مکي ۽ سر پئنچن ڳالھ ٻڌي ڪٽي اکين تي رکي ۽ چيائون ، ”جيڪا سرڳواسي مھاراج جي اِڇا سا پاھنجي بہ!.....“

جڏھن تاڙو تنوارڻ لڳو. اکيو ابر آسري لڳيون . تڏھن مکي موتڻ داس سرپئنچن سوڌو مھاراج چيتن داس جي چرنن ۾ اچي وينو ،ھميشہ وانگر ھٿ ٻڌي وينتي ڪيائين :

”ٻيو خير کين ، مھاراج! ڪرپا ڪري اھو تہ ٻڌو ڪڏي ٻڌايو تہ ھيلوڪي ورساري ۾ وس ٿاھوڪي ٿيندي يا نہ؟“

چيتن داس جون وايون بتال ٿي ويون . چيلا پنھنجي ليکي پريشان ٿي ويا. پراٹن پستڪن ۾ منھن ھٽندي ، ڪورن ڪاغذن تي لکندي مھاراج چيتن داس پريشانيءَ ۾ ڏوتيءَ جي پلاند سان نرڙ تان پگھر اگھندي چيو، ”پائي ھيل وڏو خرابو ٿيندو!“

”تاهجي تہ نالي تان گهور وڃان مهاراج!.... پاڻ پڇيو پيا ورساري جو؟“، مڪي پريشان ٿيندي سوال ڪي ٻين شبدن ۾ ورجايو.

”اڙي ، ٻڌءِ نہ! تہ هيل وڏو خرابو ٿيندو!“،چيتن داس تڙيءَ سان جواب ڏيندي منهن پٽ ڏانهن ڪندي وراڻيو.

مڪي ۽ سرپئنچ،حيران ۽ پريشان ٿي موٽي ويا ؛ پر چيلا سڀ چڙي پيا،” واه ڙي واه ٻگلا ڀڳت! پاڻ روڙو مهاراج آ، جو مڪي توکان پڇي هيڪ تہ ٻڌائين ڏون!“

”آءُ ڪينئن ٻڌايان، پاڻ ڪي ٽپڻي جي کهڙي سڌ !؟..... پر پاهجو جواب آهي اهڙو، جو مهاراجي جو ڀرم رهجي ويندو “.

”ڪيئين !؟“،سين چيلن حيرانگيءَ مان پڇيس.

”اڙي مورک ٻڌو ! جي مينهن وسيو تہ پوکون ٿينديون ... پوکون ٿينديون تہ پئسو ٿيندو.... پئسو ٿيندو تہ پيٽ پرائي ٿيندي ... پيٽ پرائي ٿيندي، تہ جهيڙا ٿيندا ... جهيڙا ٿيندا تہ خرابو ٿيندو!“

” پر جي وس نہ ٿي تہ؟“، چيلن ڦيرائي وري سوال ڪيس.

”جي وس نہ ٿي، ڏيهہ ڏڪاربو، ڏيهہ ڏڪاربو تہ مال مرندو، ماڙهو پاهہ ٿيندا ۽ ٻار مرندا... ٻار مرندا ۽ ماڙهو پاهہ ٿيندا تهامداد ايندي ...پوءِ گهڻي امداد تہ ڪنڊ جا ڪوئا کائي ويندا ، باقي جيڪا بچندي ، اها ڪنهن کي ملندي تہ ڪنهن کي نہ ملندي ...جنهن کي سفارش تي ملندي ، اهو پينو ٿي ويندو ....جنهن کي نہ ملندي اهو چوري ڪندو يا سينا زوري !..ٻنهي صورتن ۾ جهيڙا ۽ فساد ٿيندا...جهيڙا ۽ فساد ٿيندا تہ خرابو ٿيندو!....“

”اي ٻيو! صحيح ٿو چئي ... پاڻ سمجهيو ڪونہ!“، سيني چيلن گڏجي سندس عقلَ ٻُڌي جو اعتراف ڪيو ۽ انهيءَ بي بها نسخي ڪي رٿي ڇڏيو،تہ پاڻ وٹ هر صورت ۾ خرابو ئي ٺيٺو آهي.



# شرافت جوچوغو

رزاق سهتو

پٽڪندو رستي سان وجي رهيو آهيان.گاڏيءَ
جوتيزهارون لڳي ٿو.چرڪي پوانٿو.گاڏي آهستي آهستي پرسان
گذري ٿي.ڪارهلائيندي جوان ڪاوڙمان چويٿو.
“اي پوڙها.پري ٿي گهروارن ڪدي ڇڏيوٿي ڇا. ڳچيءَ ۾ نه
پئين.؟”
هن ڏانهن فقط نهاريم.گاڏيءَ ڪي بريڪ هڻندي چيائين.
“ٻُڌين بہ ٿوالائي ڪون ان عمر۾ ڪَن بہ جواب ڏئي ويندا آهن.”
ڪار جوايڪسيليٽردٻايائين،ٽائرن مان چيڪٽ نڪري ويا. هاڻ
رودِ ڪان پرپروٿي هلڻ لڳم.
نوجوان جوجملو.
“اي پوڙها پري ٿي گهروارن ڪدي ڇڏيوٿي ڇا. ڳچيءَ ۾ نه
پئين.؟”
ورجائڻ لڳس.
پنهنجوپاڻ سان ڳالهايان ٿو.
“پوڙهن ماڻهن ڪي گهرمان ڪدي ڇڏڻ جي ريت پئجي وئي
آهي.انسان سنا ڳڻ ڦٽي ڪري چڪوآهي.پرپوڙهو چوچيائين.؟”
پنهجي جسم جوجائزوٿوونان.
“واراڇا ٿي ويا آهن.چهري تي ڪيترائي گهنج پئجي ويا اٿم،جسم
۾ اها لوڏ ۽ ڦڙتي،چال ۾ اهاچستي ناهي رهي.جسم جوماس

ڏلوتي ويوآهي.هرڪوئي منهنجا ارڪان ڏسي پوڙهو تو سمجهي.ڪارواري اهوئي سوچي پوڙهو ڇيوهوندو."
اهڙيون ڳالهيون هئين سان هندائيندي پارڪ ۾ داخل ٿيندي ئي بينچ تي ويهي رهيس.هتي ڏيهاڙي ڊڪڻ لاءِ ايندو آهيان.ڪارواري نوجوان جي چيل جملن هنياءُ روڙي وڌو واڪ ڪرڻ تي من نه ٿي وريو.واڪنگ ٽريڪ تي مايون مرد جوان پڪا پوڙها.سڀ جا سڀ ڊوڙيا پئي ته ڪي گهميا پئي.مان وينورهيس.واڪ ڪندڙن مان ڪجهه ماڻهون نهاري وري گذري ٿي ويا.شايد سوچيندا هوندا ته "اڄ الائي ڇوواڪ نٿوڪري لڳي ٿوطبيت نيڪ نه ا ٿس."

❖

"خيرت ته آهي.توهان واڪ نٿاڪيو.؟"
ڪنٽورائي ڏنم نيها هئي.هم عمر هئي.سرڪاري ڪاتي ۾سيڪريٽري آهي. ڪنهن زماني ۾ منهنجي سب آرڊينيٽ ٿي رهي هئي پرهوءَ وڏي عهدي تي وڃي پهتي. مان پوئتي رهجي ويس.هن ڪي منهنجي پوئتي رهجي وڃڻ جوڏک هئو.ٻي ڪا ڪوتاهي ڪان هئيم بس ايمانداريءَ جي سزا ۾ سدائين پروموشن ڪان پاسيرو رکيو ويو.آفيسرن جي چاپلوسي ڪون ڪري سگهيم نيها حسين عورت هئي.آفيسرسندس ڪمپنيءِ لاءِ سڪندا هئا.وئي ڏاڪا چڙهندي،پروموشن وٺندي. ڪيس جواب ڏنم.
"من نه ٿو گهري ته واڪ ڪيان."
"ڪاخاص ڳالهه.؟"
"نه ڪجهه نه ."
"طبعيت ته نيڪ آهي نه.؟"

“جي بلڪل سهي آهيان.”
“توهان جولکڻ پڙهڻ ڪيئن ٿوهلي.؟”
“هلي پيو.”
نيها ڏانهن نهار ڪندي چيم
نيها هڪڙي ڳالهه پڇانءِ.؟”
“جي پڇو.”
“توکي پوڙهوٿولڳان يان نہ.؟”
نيها سوچ ۾ پئجي وئي مرڪندي چيائين.
“مان ڇا چوان.”
“چئي ڇڏ. حجاب نہ ڪر.”
“ڪڏهن ڪڏهن مان بہ سوچيندي آهيان تہ عمرجي جنهن حصي ۾ آهيوان ڪان وڏيڪ عمرجا لڳندا آهيو.”
“چوڻ جومقصد آهي تہ پوڙهولڳان ٿو.”
نيها مرڪي پئي.موڪلائيندي چيائين.
“اڄان واڪ ڪرڻي اٿم.اوهان کي واڪ ڪندي نہ ڏٺو تہ حال احوال پڇڻ آيس.”
“توهان وڃي سگهوٿا.”
نيها هلي وئي پر واڪنگ ٽريڪ تي ڊوڙندي منهنجي پرسان گذري ٿي تہ مون ڏانهن نهاري مرڪندي ٿي وئي.

❖

“توهان واڪ نہ ڪئي.چو؟”
ڪڙڪيدارآوازڪنن سان ٽڪرايو.ڏيان ڪيم تہ رٽائر ڊي آئي جي هئو.هن ڏانهن مرڪندي نهاريندچيم
“واڪ ڪرڻ لاءِ دل ڪون ڪييو.”

“خيرت. طبعيت تہ نيڪ آهي.؟”
“جي ها بلڪل طبعيت نيڪ آهي.”
“دين اوڪي گاڊ بليس يو.”
ائين چئي هليو ويو.
اتڻ جي ڪيمءِ اجان ٻہ ٽي قدم مس ڪنيم تہ نيها جو آوازآيو.
“ڪاڏي پيا وجو.ٿوري دير ويهو تہ هڪڙو ڦيروپوروڪري اچان تہ گڏجي ٽا هلون.”
“جيڪا تنهنجي مرضي.”
ويهي رهيس.

❖

نيها گاڏي پئي هلائي. ساڻس گڏوينورهيس.
“توهان کي گهرڊراپ ڪندي ٽي هلان.توهان کي واندڪائي آهي تہ اڄ شام جو منهنجي گهرهليا اچوتہ ڪچهري ڪيون موڪل جي رات آهي انجاءِ ڪنداسين.”
“اهو تہ نيڪ آهي پر.”
“پرچا توهان وٽ واندڪائي ناهي.؟”
“نہ .. نہ ... اهڙي ڳالهہ ناهي.”
“ شام جوڊرائيورکي گاڏيءَ سميت موڪليندس هليا اچجو.”
“نيڪ آهي.”
گهر ڊراپ ڪري هوءَ هلي وئي.

❖

شام ٽاڻي تيارٿي نيها جي ڊرائيوجوانتظارڪرڻ لڳس.پنهنجوپاڻ سان ڳالهايم
“چوڊرائيوراچڻ ۾ ديرڪئي آهي.؟”

اوسيئڙي جي ڪيفيت کي ڪافورڪرڻ لاءِ ڪوهيلوڪون هيو.پرڪي خيال ذهن ۾نيها جي باري ڦريا پئي.نيها جي جواني غزب جي هئي.نهارڪري ڏسندي هئي تہ ماڻهونءَ جوهنياءُ ڏري پوندوهئو.ڪڏهن ڪڏهن تہ منهنجي دل بہ هرڪائي وجهندي هئي.مونکان آفيس جو ڪم سکي پڙ تي تہ آفيسرن جي چيمبرن ۾ گهڻووقت گذارڻ لڳي هئي.ڪجھ آفيسر تہ ڪيس آفيشل ٽوئرتي ملڪ جي مختلف شهرن ۽ ملڪ کان ٻاهربہ وٺي سيرسپا ٽا ڪري آياهئا.ويڪ اينڊ تہ خالي ويندوئي ڪون هيس ڪو آفيسرگهرائي وٺندوهيس.سندس اي سي آر وئي ٽاپ نمبرن تائين پهچندي.پروموشن جي لاءِ سليڪشن بورڊ پلا نيها کي ڪيئن وساري ها سيڪريٽري ليول جي پوسٽ تي وجي پهتي آهي.

ڦڪائپ ۽ ٽوڪ واري مرڪ چپن تي آيم ۽ پنهنجوپاڻ کي چوانٽو.

“پاڻ ساڳوئي پيا سيڪشن آفيسرواري جتي گهليون.رٽائربہ اتائين ٽبو.”

ڊرائيورآيو تہ خيالن جوواچوڙومانارم بدلجي ويو.

❖

نيها سان رسمي سلام دعاڪانپوءِ ٿوري ديرماٺ رهي.ٻيوڪيربہ ڪون پهتل هئو.هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي سواليہ اندازم نيها ڏانهن ڏنم تہ پاڻ ئي جواب ڏنائين.

“ٻيوڪير بہ اڃڻوناهي.”

“اڇا.”

❖

اسان شام جي پهر ۾ ويڪري لان ۾ ڪرسين تي وينا هئاسين.نيها ڏاڍي سندرپئي لڳي سندس چهري تي ڪاموڪي ڏِڪَ نمايا هئي.سندس نوڪرچانهن ڪٽي آيو. چانهن سان گڏ گرم گرم شاميون،سموسا ۽ گهڻوڪجهه ڪٺي آيو.

“ڏيوڪا نئين تازي خبرچار.؟”

مون شامي ڪٽندي نيها کان سوال ڪيو.

“خبرون وري ڪهڙيون جاڏي تاڏي مارا ماري لڳي پئي آهي.مرڻ واري ڪي خبرناهي ته مونکي ڇوپيوماريووڃي.مارينڌڙ کي به ڪا ڄاڻ ڪانهي ته ڇوپيوماريان.سرمائيدار وجي پيومال ميڙي گهرپريندو.جنهن دورم پاڻ جي رهيا آهيون اهو ته ڪيپيٽل ازم جي به حدود ۾ ڪون ٿواچي.پوري دنياجي اندرڪنهن به ملڪ ۾ ڪوبه نظريوڪونهي نه ئي نظريي جي تابي ڪا حڪومت پئي هلي.هڪ بيراهه رويءَ جو انساني سمنڊ آهي جيڪوبي مقصد،اڳتي ڏوڪيندوپيووڃي.جنهن کي پنهنجي منزل جي به ڄاڻ ڪانهي نڪي رهبرجي خبرآهي بس حيوان طورجيئندواڳتي وڌي رهيوآهي.”

چانهن جوڊيڪ پريندي چيم.

“برابرائين ته آهي. دين واٽ هيپند.؟”

نيها ڪا ديرتپ ۾ پئجي وئي.ڪيس ڏيان سان ڏسندورهيس.ڏاڍي وٽي پئي.هوءَ الائي ڪهڙن پورن ۾ هئي.سوچيم پئي هيڏي سندر ۽ سهٽي فزڪ واري عورت شادي ڪرڻ کانسواءِ ڪيئن رهجي وئي.خاموشي چارسوڦهليل رهي.نيها هڪ گهروساهه ڪٽندي چيو.

“ڇوتوهان ماٺ ۾ ٿي ويا آهيو.”

“توهان به ته چُپ ۾ آهيو.”

“ها ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ کي ماٺ لڳي ويندي آهي.”

❖

اسان چانهن پوري ڪري چڪا هئاسين. نوڪرآيو ۽ ٿانوڪٽي هليوويو.
نيها نهارڪندي مون ڏانهن ڏيان سان ڏٺو ۽ چيائين.
“ٻاهرڪنڪي وڌي وئي آهي ڊسمبرجا آخري ڏينهن آهن هلو ته اندر هلي ويهون ڪٿي موسم جي اثرڪري طبعيت خراب نه ٿي پئي.”
“ٺيڪ ٿا چئو هيءَ ڊينگي وائرس جي موسم آهي. ان کان پهريائين جومڇرحملوڪن اٿوته اندرهلي ٿا محفل ڄمايون.”
اسان اندرڊرائنگ روم ۾ آياسين.هي نيها جوسرڪاري گهرهيو.هن ڊرائنگ روم ۾ ويهڻ کان پهريون چيو ته
“جميل صاحب اچو ته بيڊ روم ۾ ٿا ويهون اتي ايزي رهنداسين.”
“جيڪا اوهان جي مرضي.”
اسان بيڊروم ۾ اچي ويٺاسين.
نيها ٽي وي آن ڪئي. ٿوري ديرخبرون ٻڌندي رهي. مان چپ ڪيون ويٺورهيس.موبائل تي ڪنهن جي فون آيس هن سان آفيشل ميٽرتي ڳالهائيندي رهي.موبائل ڪال جي هڪ سلسلو جڙي پيوپاڻ ڳالهائيندي رهي.مان خاموش ويٺورهيس. گهڻووقت گذري چڪو. چوڻ لڳي.
“جميل صاحب معاف ڪجو ڇاڪجي جڏهن نه ماڻهون وڏوڪاموروبڻجي ويندي آهي ته هن جي ذاتي زندگي زيروٿي ويندي آهي.موڪل جي ڏينهن به هوڊيوٽي تي هوندوآهي توهان کي ڇا ٻڌايان توهان ته هر شيءِ کان واقف آهيو.”
“جي ها توهان جي پوزيشن کي سمجهي سگهان ٿو.”

“هاڻ هيئن ٿا ڪيون.موبائيل فون ٿا بند ڪيون ۽ پرائيوٽ سيڪريٽري کي ٿا چئون ته ليندڊ لائين تي جيڪي ڪال اچن ته انهن کي نوٽ ڪندو وڃي.”

“جيڪا اوهان جي مرضي.”

نيها موبائيل آف ڪري ڇڏي. مون تي نهارڪندي چيائين.

“چائين تي سگهي ٿوته توهان گهرفون ڪري اطلاع ڏيو ته رات گهرڪون ايندس”

مان سوچ ۾ پئجي ويس.

“توهان جيڪڏهن ايزي فيل نٿا ڪيوته ليوات.”

“نونو،نوپرابلم،موبائل تي گهرٻڌائي ٿوڇڏيان ته رات گهرڪون اچي سگهندس. اٽس اوڪي.”

“دين يو ٽيل يوئرفيملي.”

“اوڪي.”

❖

اسان ٻنهي جا موبائل فون آف هيا.زندگيءَ جي ڪهڙي نه خوبصورت رات جي پهرين پهرجا لمحا هيا.مس نيها ۽ مان ڊرنڪ ڪري رهيا هئاسين.سروراسان جي رڳن ۾ ڪنهن عاشق جي محبوبه لاءِ بيقراري جيان رت سان گڏ سرندي ٿي رهيو.نيها نشيلانيڻ ڪٽي ڏنو ۽ چيو.

“توهان ۽ منهنجي وچ ۾ ڪوفرق ڪونهي. جيڪڏهن آهي ته اهورڳوڏهني سوچ جوتوايمانداريءَ سان نوڪري ڪندورهين ۽ ڏکجي اچي سيڪشن آفيسرٿيو آهين. مان توهان کان جونئيرسيڪريٽري ليول تي اچي پهتي آهيان. ڪجهه هفتن ۾ چيف سيڪريٽريءَ جوآڊر ٿي ويندو.تنهنجا مون تي ٿورا آهن

جوآفيس ورڪ ۾ پڙ توڪيو ۽ وٽندوبہ آهين.اوهان جي من ۾ بہ منهنجي لاءِ چاهہ هيو.پرشرافت جوچوغوپايون گهمندو هئي.جن ڏينهن ۾ توهان ڪم سيکاريندا هئو. توهان ڏانهن وڌي اڇي ملڻ تي چاهيو پرتنهنجو ٿڌورويو ڏسي پير ڊرا ڪري ڇڏيم.تنهنجي جواني جوجوالا مکي ٿڌو ٿيندو پيووجي تہ بدلبا پيا وجو نہ تہ توهان ۽ ڊرنڪ ڪريو.ڏس توهان ۽ مون ۾ ڪهڙوفرق،مان بہ اڪيلي توهان بہ جهڙوڪ اڪيلاسدائين زال کان ڪاوڙيل رهندو آهين.اداري مان جي پي فنڊ ۽ ٻين ايڊواس مان اولاد کي پڙهايئي، سادگيءَ سان پٽن ۽ ڌيئرن کي شادي ڪرائي ڇڏئي.سموري اولاد جهڙوڪ توهان کان رنل رهندي آهي.توهان ڪيئي ڀيرا ٻڌايوهئو تہ ارڏا سوال جواب ٿا ڪن تواسان جي لاءِ ڪجهہ ڪون ڪيو.جميل صاحب زندگيءِ جو مقصد شادي ڪري ٻارپالي جوان ڪري پاڻ کي پوڙهوڪري ڇڏڻ آهي.؟ پنهنجي خواهشن کي دٻائي عمرکي چوڙي ڇڏجي تنهن کان تہ مان سنوڪيوجواني مان لست ورتي،جودل چيو سوماڻيون پئسو، شهرت، بنگلا، گاڏيون،ب ينڪ بيلنس، نوڪرچاڪر ڇا ناهي مون وٽ،ت ون ٻڌاءِ جيڪڏهن شادي ڪيان هان تہ مڙس هرڳالهہ تي ٽوڪي اڏ مئوڪري ڇڏي ها، آزاد زندگي بصرڪري سگهان ها.؟ نون نون، نيور.توهان پل پل جي محتاجي ۾ حياتي گذاري ٻارپاليا شرافت ۽ ايمانداريءَ جي اوٽ ۾ بينا رهيا.توهان کي ڇا مليو.؟ڪجهہ هڙ حاصل ٿيو.اولاد ڇڏي هلي وئي ٿو.ڌيئرمڙسن سان پٽ زالن ۽ پنهنجن ٻارن ۾ مگن آهن.بيمارٿيوٿا توهان کي اسپتال پهچائڻ وارو ڪو ڪونهي،وقت کان اڳ پوڙهوٿي ويوآهين. پوءِ ٻلاتوئي ٻڌاءِ جهان توکي پوڙهي چئي يا نہ چئي.ڊيئرجميل صاحب" جملوپوروڪندي

نيها، منهنجي سڄي هٿ کي پڪڙي چمي ورتو ۽ شام واري ڪيل سوال تہ مان پوڙهو ٿولڳان ياد ڏياري مرڪي پئي.

❖

ڏاڍي ڏيان ويچارگيءَ منجهان مس نيها کي ٻڌو،ڏسندورهيس نيها جا هٿ تي چمي ڏئي نئين جهان ۾ پهچائي ڇڏيو،سندس گفتگودوران جيڪي جواب سوچيا ها سي ذهن مان اڏامي ويا.نيها جي پرڪشش وجود ۽ دلربا چهري کي ڏسندو رهيس،هوءَ ڏسندي مرڪندي رهي.پاڻ اٿي بيڊروم کان ٻاهرنڪري وئي.سندس سراپوڏسي سرورجي وهڪري ۾ وهندي سڄوسراپجي ويس.نيها واپس موٽي پر ۾ بيهندي چيو تہ

“ها ڊيئر چا پيا سوچيو.”

نيها چهري تي جهڪي آئي هئي.هن جي وارن منهنجي ڪلهن کي ڍڪي ڇڏيو.نيها جي چپن جون مکڙيون ٽڙي پيون.ٻڃي ٻڃي چپ ڊراڪيم تہ هڪ سروريري لهرجسم ۾ ڊوڙي وئي.ڪجھ پل ائين ئي قيد ٿي ويا.

❖

نوڪرـ پُڳل گوشت کڻي آيو.ننڍڙي ٽيبل تي رکي هليوويو.اسان جا پيگ خالي ٿي ويا هئا.نيها پيگ ٺاهيا.سرڪي بہ پريندا رهياسين ۽ گوشت جون ٻوٽيون بہ چٻاڙيندا رهياسين.

❖

“نيها هڪ ڳالھ ڪرڻ ٿوچاهيان.”

“جي.”

“توهان جيڪي ڪجھ ڳالهيون ڪيون.”

“هڪ منٽ ـــ ڳالهائڻ کان پهريائين، ياد رک ته مان تولاءِ توهان ناهيان تون چئي مخاطب ٿي. توهان ۾ اوپرائپ آهي. تون ۾ پنهنجائپ آهي.”
“جي ها. جيئن تون چوندئيءَ ائين ڪندس.”
“سچ ٿو چوين، جيئن چوندس ائين ڪندي.”
نيها پهريون مرڪي، پوءِ هلڪڙا ٽهڪ ڏيڻ لڳي. پوءِ اٿي اچي پاڪرم ڪيائين خبرناهي ڪيترئي چميون ڏنيون هونديون. جڏهن پاڪرمان ڪڍيائين ته چوڻ لڳي.
“هي جيڪو شراب آهي نه انسان جي اندر کي ڪڍي ٻاهر ٿو ڪري. سچي ڳالهه ڪيائين ته تون مونکي ڏاڍو وڻندو هئين. تنهنجي وڏن وارن ۾ جيڪا ڇڪ آهي اها پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي وجهي. هاـ توهان ڳالهه پئي ڪئي”
ائين چئي سڌي ٿي ويهي رهي.
“مون چوڻ پئي چاهيو ته ضميرجونالو خدا آهي. ڪو انسان يا ڄمار جيڪو ڪجهه ڪندو پئي آيو آهي جيڪڏهن سندس ضميرمطمئن آهي ته ڪا ڳال ناهي. جيڪڏهن ضمير ڪيس چنهندڙيون پائندو ٿو رهي ۽ من مطمن نٿو ٿئي ته سمجهون ته خدا راضي ناهي ۽ خدا ضميرجونالو آهي. توجيئن زندگي ماٺي مون جيئن عمرچوڙي انهي جي لاءِ هرڪنهن وٽ پنهنجا پنهنجا دليل آهن. اصل ڳالهه انساجي اندرجي آهي توهان ڪنهن کي ايزايوناهي ته توهان تي به ڪوڏکيو وقت ڪون ايندو.”
نيها خاموشيءَ سان ٻڌندي رهي.

❖

اسان ڪي بڪ لڳي تہ ماني لڳائي وئي.ماني ڪائي ڪجھ ديرلاءِ ڪچهري ڪري سمهڻ جي ڪئي سون. ڪشادي بيڊ روم ۾ سمهڻ لاءِ ٻہ بيڊ پيل هئا.اسان الڳ الڳ سمهي پياسون.ڪمري ۾ هلڪي سائي رنگ جي روشني هئي.ڪا دير گذري تہ نيها سڏڪيو.

"جاڳوٽا.؟"

"جي ها."

ائين چئي نيها منهنجي پلنگ تي آئي چوڻ لڳي.

"توهان سوير ڳالھ ڪئي تن انسان جوضميرجنهن ڪم لاءِ مطمئن هجي اهو ڪري ڇڏجي."

ائين چئي ڪمبل ۾ ويڙهجي وئي.ان رات جيڪوآنند ماڻيون سوعمرجي ڪل ڪائنات تي پکڙجي ويو.منهنجي اندرجوسنسارئي بدلجي وئي.

❖

ڪجھ ڏيهن ئي گذرياهوندا تہ آفيس ۾ منهنجي پروموشن جوچوٻول مچي ويو.ائين ڪندي آڏر بہ اچي پهتو.مبارڪن جا آوازاچڻ لڳا. مونکي نيها سان گذاريل رات ياد اچڻ لڳي.



# لَڪير....

شوڪت لوهار

جيتوڻيڪ ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ اي سي هلي رهيو هو، تنهن جي باوجود هن جي نرڙ تي پگهر جون بوندون نروار نظر اچي رهيون هيون. هو سخت پريشاني ۽ ڳڻتي ۾ ورتل هو، هن کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه اچي رهيو هو ته هو ڇا ڪري ڪاڏي وڃي ڪنهن کي چئي.

”توهان هي دوائون وٺي اچو ته پوءِ وڌيڪ ڳالهايون ٿا“ ڊاڪٽر صاحب دوائن جي هِڪ وڏي لسٽ هن جي حوالي ڪندي چيو ۽ پاڻ فون تي ڪنهن سان مصروف ٿي ويو.

هن پرچي کنئي هن کي پرچي ايڏي ڳري محسوس ٿي رهي هئي جڻ هو دوائن جي پرچي نه بلڪ ڪو ڳرو پٿر کڻي رهيو هُجي. لاچار هن پرچي کنئي ۽ ڊاڪٽر جي ڪمري مان ٻاهر نڪري آيو. پريشاني وچان هن جي نڙي ۾ ٿوهر لهي آيا هئا. هو پنهنجو پاڻ کي هِڪ اونهي کن ۾ ٻڏندي محسوس ڪري رهيو هو.

اسپتال ۾ ماڻهن جي تمام گهڻي پيهه هئي. ماڻهوءَ جيڪي پنهنجن پيارن کي وٺي آيا هئا. ڪنهن کي ويل چيئر تي کنيو پئي ويو، ڪو ڊرپ لڳل مريض ايمرجنسي ڏانهن پئي ويو. هو ڪجهه ساعتون اتي بيٺو رهيو ۽ اِهو ياچ وارو منظر ڏسندو

رهيو. ”جڏهن انسان ڪي هي جهان ڇڏڻو ئي آهي تہ پوءِ هي وٺ وٺان، زندگي بچائڻ جي هِي ڊُڪ ڊوڙ ڇا لاءِ؟

زندگي جڏهن ڪنهن اڏوهي ورتل سڪل ڪاٺي جيان ٻڻجي ويندي آهي تڏهن ان مان مزو ختم ٿي ويندو آهي.

”پر مون ڪي ائين نہ سوچڻ گهرجي، مون کي ڪيئن بہ ڪري عاشي لاءِ هي دوائون وٺيون آهن.“ هو وري ان ڪمري ۾ اچي ٿو، جتي سندس گهرواري عاشي جي منهن تي هٽرادو ساهہ کڻائڻ وارو گئس ماسڪ پاتل آهي. هو ڏسي ٿو عاشي جون اکيون جيڪي ايڏي اعتماد سان بند پيون آهن، ڄڻ هنن کي ڪا پريشاني بہ ڪونہ هجي. هن جي اکين جو اعتماد روحل جي دِل کي جهير ڏئي ڇڏي ٿو. هو اندران ئي اندران ائين پڇي پري پئي ٿو جيئن ڪنير جي آوي ۾ پيلا ٿانوَ پڇي پري پوندا آهن.

روحل ۽ عاشي پاڻ ۾ سڱا سؤٽ هئا ۽ هِڪ ئي يونيورسٽي ۾ تعليم حاصل ڪيائون، ڪلندي ڪلندي شادي ٿي وئي. هنن جو وقت مسرت ۽ خوشي جي هندورن ۾ جهوليندي گذريو. هر ڏس ۾ خوشي هئي، روحل کي هرطرف عاشي جا ٺهڪ ٻڌندي محسوس ٿيندا هئا. هر گهڙي هن جي اکين ۾ عاشي جو چهرو رقص ڪندو هو. روحل کي هڪ اين جي او ۾ نوڪري ملي وئي، پوري ساري پگهار، پوءِ بہ هن ان کي غنيمت سمجهيو ۽ پراعتماد ٿي ڪم ڪندو رهيو.

هن پنهنجي زال کي لاڏ ڪوڏ ۾ گهر ۾ ئي رهڻ لاءِ چيو. عاشي جو هونئن بہ پڙهائي سان بس امتحانن پاس ڪرڻ تائين جو واسطو رهيو، ان ڪانپوءِ هن لاءِ سڀ ڪجهہ سندس وَر روحل ئي هو. هو طرح طرح جا طعام تيار ڪندي هئي. هر وقت پنهنجي ور

تان وهلور پيئي ويندي هئي. شادي جي ڪجهه عرصي بعد عاشي کي الٽيون ٿيون، سيني کي خوشي ٿي، سيني سمجهيو تہ اِها خوشي جي ڳالهہ آهي. روحل خوشي ۾ سموئي نہ سمائجي. الٽيون وڌي ويون، الٽيون رت جي الٽين ۾ تبديل ٿي ويون، عاشي کي دورا پوڻ شروع ٿي ويا. روحل عاشي جي اهڙي عجيب حالت تي حيران و پريشان ٿي ويو. ڊاڪٽرن سان مشورا ڪيائون، آخرڪار ٽيسٽون ڪرايائون ۽ ٽيسٽن ۾ عاشي کي ڦڦڙن جي ٽي بي جي بيماري تشخيص ٿي. روحل جي روح جا موتي ڪنهن قيمتي مڙهي جيان ٽٽي وکري ويا. روحل جي دنيا ويران ٿي وئي. هن کي اِها اميد نہ هئي تہ زندگي ساڻس ايڏو وڏو مذاق بہ ڪري سگهي ٿي، پر اِها حقيقت هئي. ڪڏهن ڪڏهن حقيقتون ڏاڍيون پوائتيون ۽ خوفناڪ هونديون آهن. روحل پنهنجي حال سارو عاشي جو گهڻو ئي علاج ڪرايو، دوستن کان قرض کڻي اين جي او کان اوڌيون وٺي نيٺ هو ٿڪجي پيو. عاشي جي بيماري ۾ تر جو فرق بہ ڪونہ آيو. هن جون سڀ ڪوششون رائيگان ويون، روحل هار نہ مڃي. روحل سوچيو تہ هن ڪائنات ۾ هن جو هن عاشي ڪانسواءِ ٻيو ڪير آهي. ان جي بدلي ۾ جي سندس جان هلي وڃي ۽ عاشي نيڪ ٿي وڃي تڏهن بہ هو اِهو سودو ڪرڻ لاءِ تيار آهي. پر اهڙا سوداگر صرف تصوراتي دنيا ۾ ملندا آهن. روحل تصوراتي مها پارت ۾ ڪرشن بڻيو رهيو. روحل پنهنجي ساهت کي تلوار جي نوڪ تي ايو ڏٺو. هن کي مجبوري جون اجگر بلائون سانت سانت چڪي رهيون هيون. بيوسي ۾ ڪجهہ نہ ڪري سگهڻ واري کُن ۾ ٻڏندي هن جي اکين جا بند پڃي پيا ۽ هو عاشي جي ساهن جي واري مُٺ مان واري جي وهڪ پنهنجي

اکين سان ڏسندي پڄي ۽ پُري پيو. هنن دوائن ڪانپوءِ عاشي جو آپريشن ٿيڻو هو، جنهن لاءِ روحل کي ڪٿان بہ ڪري پنجن لکن جو انتظام ڪرڻو هو. روحل مجبوري جي هن رساڪشي جنگ ۾ پنهنجو پاڻ کي رسو محسوس ڪري رهيو هو. هن چاهيو ٿي تہ ڪٿان بہ ڪري پئسا اچن، پئسن جو انتظام ٿي سگهي ۽ عاشي جي زندگي بچي سگهي. ”اوهان دوائون وٺي آيا“ ڊاڪٽر هن کي وڏي اسپتال جي ڪوريڊار ۾ مِليو.

”نہ ڊاڪٽر صاحب“ روحل بيوسي وچان وراڻيو.

”چو“

”هي دوائون هت نہ آهن؟“

”چا؟“

”روحل صاحب هي تہ عام دوائون آهن، هي ٻاهر واري فارميسي تي ملي وينديون“ ڊاڪٽر کلندي اطمينان سان چيو.

”نہ ڊاڪٽر صاحب هي دوائون خبر ناهي ڪٿي ملنديون، زمين تي يا آسمان تي“

اوهان چا پيا ڳالهايو، ڊاڪٽر جي سڏ تي پريشانين جي غفائن مان نڪتو.

”اچي هي پاڻي جو گلاس وٺو.“

”چا ڳالهہ آهي؟“ ڊاڪٽر روحل جي وشال خوبصورت چهري تي مجبوري جي ريکائن کي پڙهي ورتو.

نوجوان گهٻرائبو ناهي، همت ڪريو.

ڊاڪٽر صاحب هاڻ همتون جواب ڏئي ويون آهن. توهان سان سڌي ڳالهہ آهي، پئسا ناهن، آئون عاشي جي علاج ۾ پورو ٿي ويو آهيان، اوهان ڊاڪٽر آهيو، ڊاڪٽر ماءُ پيءُ جيان هوندا آهن، اوهان

ڪان ڪهڙو رڪ رڪاءُ آئون هڪ اين جي او ۾ ملازمت ڪيان ٿو، جنهن مان گهر مشڪل سان هلي ٿو.

"I see"

پر توهان کي ڪيئن به ڪري اوهان جي گهرواري جو آپريشن ڪرائڻو پوندو. اجان مرض ابتدائي شڪل ۾ آهي، هِڪ مهينو ٻي دير ٿي ته.... نه ڊاڪٽر ائين نه چئو.

چئبو ته اوهان پنهنجي وني سان بيحد محبت ٿا ڪريو، "Good" هر ور کي ائين اوهان وانگر ئي سوچڻ گهرجي.

”اوهان هِي دوائون وني اچو.“

ڊاڪٽر دوائن جي پرچي تي ڪجهه لکي ڏنو.

”مگر ڊاڪٽر صاحب........“

”ڪا ڳالهه نه آهي“ ڊاڪٽر مسڪرائيندي هن کي جواب ڏنو.

هو دوائون وني آيو. ڪجهه ضروري انجيڪشنون ۽ ڊرپون هيون. ڪجهه سيرپون ۽ گوريون. منهنجو نالو ڊاڪٽر ظهير احمد آهي، آئون هن ميڊيڪل سينٽر جي هن شعبي جو انچارج آهيان.

هي منهنجو ڪارڊ آهي. اوهان شام تائين آپريشن جي پئسن جو بندوبست ڪريو، جي ٿي وڃن ته ٺيڪ نه ته شام جو منهنجي گهر اچجو پوءِ هِڪ ”ڊيل“ ڪنداسين.

”ڊيل“ روحل پنهنجي گهرين اکين ۾ سوال پريا؟

”جي ها ڊيل“ ڊاڪٽر ڪنهن بزنيس مين جيان ڪيس جواب ڏنو.

”ڪهڙي ڊيل“ روحل پنهنجي خوبصورت هٿ سان سواليه پڪي ناهيا.

اِها ڊيل تڏهن پڌري ٿيندي جڏهن اوهان کان پئسن جو بندوبست نه ٿئي؟

نيڪ آهي.

ٿئنڪ يو.

تيستائين اوهان پنهنجي وائيف وٽ رهو ۽ ها ڪمري جي چارجز وغيره لاءِ مون چئي ڇڏيو آهي، اوهان بي اونا ٿي وڃو.

"So many thanks dr .sb"

روحل ڊاڪٽر جي وڃڻ ڪانپوءِ شام تائين سوچيندو رهيو، هو بار بار عاشي جي چهري کي تڪيندو رهيو. روحل سوچن جي سُگهرن ۾ جڪڙجي اِهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو تہ آخر ڊاڪٽر ظهير ڪهڙي ڊيل ڪرڻ چاهي ٿو.

ڪٿي هو.....

ها آئون عاشي کي بچائڻ لاءِ هر جائز ناجائز ڪم ڪرڻ تيار آهيان. عاشي تہ بچي پوندي نہ، منهنجو خير آهي. هو بہ مون کي مليل منهنجي زندگي عاشي جي امانت آهي. روحل کي ڊيل بابت سوچن جا ڳاڙها ڏينهو ڏنگيندا رهيا.

شام جو آخرڪار مجبوري اڳيان هار مڃي روحل ڊاڪٽر جي ڏسيل گهر جي ائڊريس تي وڃي بيل وڄائي. ههڙو عاليشان گهر، گاڏي. روحل کي حيرت ڪونہ ٿي. هن کي صرف ۽ صرف اِها ڳالهہ مٿي ۾ وينل هئي تہ ڪيئن بہ ڪري عاشي بچي. ان جي بدلي اگر هن کي ڪو غير قانوني ڪم ڪرڻو پوي تڏهن بہ هو ڪندو.

دروازو ڪولي چوڪيدار هن کي ڊرائنگ روم تائين رسايو.

”تہ اوهان اچي ويا“

”ويجهو ويهو.“ روحل ڊاڪٽر ظهير کي ملندي چيو.

”جي ڊاڪٽر صاحب“

”مون کي اوهان ڊيل بابت ٻڌايو“. روحل اتاولو ٿيڻ لڳو.

”ڏسو آئون اوهان کي ڊيل بابت ٻڌايان ٿو پر جيڪڏهن اوهان کي اِها ڊيل پسند نه اچي ته ان جو ڪنهن ٻئي سان ذڪر نه ڪجو. اوهان ماشاءَ الله نوجوان آهيو، حسين آهيو ۽ سمجهدار پڻ.“

”جي ڊاڪٽر صاحب“، ”اوهان خاطري ڪريو. اوهان جي مسز عاشي جو آپريشن ٿي ويندو، سڀ خرچ آئون پريندس، ان جي نيڪ ٿيڻ تائين. چاهي ان لاءِ اسان کي پرڏيهه مان علاج جو نه ڪرائڻو پوي. سڀ ڪجهه منهنجي ذمي.“

”ته پوءِ مون کي ڇا ڪرڻو پوندو؟“ روحل سوال ڪيو.

”ڏسو روحل صاحب زندگي ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا عجيب موڙ اچي ويندا آهن جو ماڻهو جي لاءِ فيصلو ڪرڻ مشڪل ٿي پوندو آهي ته هو ڪهڙي واٽ وٺي؟“

”جيڪڏهن اوهان کي منهنجي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ته اوهان هِي سودو ڪريو جي نه ته پوءِ جيئن اوهان جي مرضي.“

”پر آخر مون کي ڇا ڪرڻو پوندو؟ روحل هاڻ بيتاب ٿي ويو.“

”اوهان کي منهنجي ڌي سان شادي ڪرڻي پوندي“

”ڇا! پر آئون ته اڳ ۾ شادي شده آهيان.“

”پوءِ ڇا آهي ماڻهو چار چار شاديون ڪندا آهن، ٻيو اِهو ته منهنجي ڌي ڪنوارا جيڪا پڻ ڊاڪٽر آهي. پر هو ٻنهي ٽنگن کان معذور آهي.....“

”ڇا؟“

”جي ها“

”۽ هو اوهان کان عمر ۾ ڪجهه وڏي پڻ آهي.“

روحل پر ۾ پيل پاڻي جو گلاس سڄي جو سڄو پي ويو. ۽ ٻئي هٿ پنهنجي مٿي تي ڏئي سوچڻ لڳو.

”مون ڊاڪٽر ڪنزا جي اڪائونٽ ۾ 50 لک رڪرائي ڇڏيا آهن ۽ هِي گهر به ان جي نانءُ آهي.“

”هاڻي اوهان سوچي وٺو تيستائين آئون تيار ٿي ٿو اچان.“ ڊاڪٽر اندر هليو ويو.

روحل زندگي ۾ پهريون ڀيرو پنهنجو پاڻ کي مجبوري جي پلصراط تي هلندي محسوس ڪيو ۽ هو ان جي هيٺان باهه جو درياهه هو. ڊاڪٽر جي ڇڏي وڃڻ واري وقت ۾ هو شيڪسپيئر جي نائڪ هيملٽ جي خود ڪلامي هُججي يا نه هججي "Tobe or not tobe" جي دلدل ۾ لهي ويو.

هِڪ طرف عاشي جو معصوم چهرو، هن جون ادائون هن جي هٿن جا لمس، ٻئي پاسي عاشي خاطر حاشي کي ورهائڻ هن لاءِ هن ڪرب جو مقام هو.

”جي روحل صاحب“

”ته پوءِ اوهان ڇا فيصلو ڪيو“ ڊاڪٽر ٿاءِ جي ناٽ ٻڌندي روحل کان پڇيو.

"I am agree" آئون راضي آهيان.

”هڪ ڀيرو وري سوچيو“. ڊاڪٽر وارننگ ڏني.

”جيڪو سوچڻو هو سوچي ڇڏيو، ڊاڪٽر صاحب عاشي جي خاطر آئون ڪجهه به ڪري سگهان ٿو.“

”ان جو مطلب ته اوهان ان کي تمام گهڻو چاهيو ٿا.“

”جي ڊاڪٽر صاحب“

"Very good"

”پٽ ڪنزا!“
”السلام عليڪم“
”وعليڪم السلام“
”هي منهنجي ڌي ڊاڪٽر ڪنزا آهي.“
”هي پيدائشي معذور آهي.
هي ننڍڙي هئي تہ هن جي ماءُ هن کي ڇڏي هلي وئي. پر مون هن جي پوري تربيت ڪئي آهي ۽ ماءُ جي ڪمي کي ڪنهن حد تائين گهٽايو آهي.“
”بابا جو ٻي شادي نہ ڪرڻ ئي مون لاءِ وڏي قرباني آهي“. ڊاڪٽر ڪنزا چيو.
روحل ڏنو تہ پاڻ کان 10 سال وڏي عورت، جنهن جي عمر هاڻ پوئين واري خوابن جي نگر کان اڳتي نڪري چڪي آهي. روحل کي ڊاڪٽر ڪنزا ڪو اهڙو جزيرو محسوس ٿي جتان ڪوبہ مسافر جهاز لانگاهو نہ ٿيو هجي. هن جون وشال اکيون جن ۾ صدين جي صدا ۽ هن سماج طرفان مليل ڏڪار واضح نظر آئي. پر روحل کي انهن سڀ ڳالهين جي پرواهہ ڪونہ هئي. هن جي حالت ڪنهن انڌي فقير جيان هئي، جيڪو رستي ۾ ايندڙ هر رڪاوٽ ۽ ٺڏي کي پنهنجو مقدر سمجهي ٽڙجي ٿابڙجي وري سنڀلجي ٿي ويو.
ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ هِڪ مولوي کي سڏائي روحل جي سادگي سان ڊاڪٽر ڪنزا سان شادي ٿي وئي. ان سان گڏ ڊاڪٽر ظهير روحل کان ڪجهہ ضروري ڪاغذن تي معاهدا بہ سائن ڪرائي ورتا. هن سڄي ماجرا کان عاشي کي بي خبر رکيو ويو. عاشي جو آپريشن ڪامياب ٿي ويو. هو ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ چاڪ چڱي ڀلي ٿي وئي. روحل نہ چاهيندي بہ عاشي کي هي خنجر جي خبر ٻڌائي،

جيڪا عاشي تي وڃ جيان ٽي ڪري. عاشي روحل کي چيو تہ ”تون ڀل مون کي مرڻ ڏين ها تو ائين ڇو ڪيو“
”آئون مجبور هئس“
”عاشي آئون توسان بيحد پيار ڪيان ٿو. پر آئون ڇا ڪريان مون کي ٻي ڪا واھ نہ سجھي رهي هئي. مون وٽ ڪجھ بہ ڪونہ هو، آئون قرض ۾ ٻڏي ويو هئس، توکي بيماري جي واڳون وات ۾ ويندي ائين ڏسي ڪونہ ٿي سگھي. پليز منهنجو يقين ڪر“. روحل جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو.
عاشي جي لڙڪن جون لارون روحل جي روح کي تيرن جيان ٿي لڳيون. عاشي هن ٿوهر جي ڪنڊن جهڙي سچ کي پنهنجي نڙي ۾ لاهيندي تمام گهڻو درد محسوس ڪيو. هن جي ساهن جي ڏوڙ تيز ٿي وئي ۽ روئي روئي نيٺ هو چپ ٿي وئي.
عاشي کي ڪنهن بہ قيمت تي اِها ڳالھ منظور ڪونہ هئي تہ هو روحل کي ڪنهن سان ورهائي ٿي سگھي!
مجبوري ۽ هن لاءِ روحل جي ڪيل قرباني ڪنهن ساعت هن جي دِل کي سوا گهڙي لاءِ ٺڏو ڪنديون هيون، پر هِڪ عورت هجڻ جي ناتي هو هميشہ انهن سيني ڳالهين کي نڪرائي ڇڏيندي هئي. پوءِ روئيندي روئيندي بيهوش ٿي ويندي هئي.
روحل اين جي او ۾ اڳتي ترقي ڪري ورتو هو. ڊاڪٽر ڪنزا معذور هوندي بہ روحل جي مجبوري کي آساني سان سمجهي ٿي سگھي. صبح سان ئي گهر ۾ ئي ڪلينڪ تي مريضن کي چڪاسيندي هئي. هفتي جي هِڪ ڏينهن تي هو مريضن کان ڪائي فيس نہ وٺندي هئي. شايد هو مجبوري جي بخت مليل روحل لاءِ صدقو سمجھي ائين ڪندي هئي. عاشي انهيءَ بيماري کان نيڪ

تہ ٿي وئي هئي، پر ڊاڪٽر ڪنزا کي پنهنجي پهاج جو تصور ڪري هن کي دورا پئجي ويندا هئا ۽ هو گهر جا ٿانوَ ڀڃندي هئي. آهستي آهستي هو هِڪ عجيب نفسياتي مرض ۾ مبتلا ٿي وئي، جنهن ۾ هو تمام گهڻو وقت روئيندي هئي ۽ باقي وقت بيهوش رهندي هئي، پر زندگي جيئڻ تہ پهريون سبق امتحان وٺندي آهي ۽ پوءِ سبق سيکاريندي آهي، ان ڪري هو بہ ڏيري ڏيري هن غم کي پنهنجي سيني جي سمنڊ ۾ لاهي ڇڏيو. روحل جي زندگي بس هِڪ مجبور انسان جيان گذري رهي هئي. هو راتين جو دير تائين جاڳندو ۽ سگريٽ پيئندو هو. ۽ سگريٽ جي دونهاٽيل ڇولين ۾ عاشي ۽ پنهنجو پاڻ کي مشڪريون ڪندي ڏسندو هو. ڪوهہ مري جي برف ۾ گذاريل هني مون جا اهي ڏينهن هن جي اندر ۾ وڍ وجهي ڇڏيندا هئا. برف جا بال ڻاهي هِڪ ٻئي کي هڻڻ. وري انهي دونهاٽيل درياهہ ۾ جڏهن ڪنزا اچي ويندي هئي تہ روحل جو تصور ڪا قيمتي آرسي جيان هٿن مان ڪري پوندو هو ۽ هو پنهنجو پاڻ کي آرسي جي ٽوٽن ۾ پهچي وکريل وجود جا ٽوٽا ڳولهيندو هو.

رات جو وقت هو، روحل حسب معمول پنهنجي ڪمري ۾ سگريٽ پي رهيو هو، ڊاڪٽر ڪنزا ويل چيئر تي ويٺي ٽيريس تان دور دور سمنڊ جي اڇل ڪائيندڙ ڇولين کي پئي ڏٺو. ڇوليون جيڪي چنڊ جي ٿڌي چانڊاڻ جي ڪري بيتاب هيون ۽ چنڊ سان مِلڻ لاءِ اڄ موجن ۾ الائي ڪٿان جي مستي لهي آئي هئي. ايتري ۾ عاشي هن موقعي کي غنيمت سمجهيو ۽ پنهنجي پهاج کان هميشہ هميشہ لاءِ ڇوٽڪارو وٺڻ جو سوچيو. هن کي خيال آيو تہ جيڪڏهن هو ان کي هتان ڌڪو ڏيندي تہ ڪوبہ شڪ ڪونہ ڪندو

۽ هرڪو سمجهندو تہ هي پاڻ ڪري پئي آهي. عاشي جي ڪنڌ تي موت جا فرشتا سوار ٿي ويا. هو اڳتي وڌي پير پير ۾ ڏئي جيئن ڊاڪٽر ڪنزا کي سندس پيرن جو سرباٽ نہ ٿئي.

هو وڃي ان معذور جي ويل چيئر وٽ پهتي، سمنڊ جي لهرن ۾ ويتر تيزي اچي وئي هئي، هوا تيز ٿي وئي هئي، عاشي جا هٿ ڏڪي رهيا هئا. هن ڪنبڊڙ هٿن سان معذور ڊاڪٽر ڪنزا جي ويل چيئر ۾ جيئن ئي هٿ وڌا تہ ڊاڪٽر ڪنزا هن ڏانهن ڪنڌ ورائي ڏٺو، عاشي بہ هن ڏانهن ڏٺو، وري عاشي جون نظرون هن جي جهولي ڏانهن هليون ويون. ڪنزا جي جهولي ۾ ننڍڙي تختي وارو پاڪ ڪتاب هو، جيڪو هو پڙهي رهي هئي. عاشي پاڪ ڪتاب کي ڏسي ڊاڪٽر ڪنزا جي ويل چيئر کي هيٺ ڪرڻ کان بچايو ۽ اچانڪ هن جو پير ٿڙڪي ويو هو ڏڙام سان اچي فرش تي ڪري ۽ هن جي مٿي مان رت ڪنهن نانگ جيان وهي سرڪڻ لڳو. روحل عاشي وٽ وڃ جيان پهتو، عاشي اکيون کولي هِڪ ڀيرو روحل کي ڏِڌ ڪري ڏٺو ۽ هن جي چهري تي پنهنجي هٿ سان لڪير ڪڍندي پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون.

shoukatali.lohar@gmail.com

# شھ رڳ کي چمي ڏيڻ وارو آهي موت

## عزيز قاسماڻي

بادشاهه شهزادي ڪانويليءَ کي ميسيج ڇڏيو.
”رات بهار جي آهي،
ٽڏيريءَ رات ۾ تو منهنجو انتظار ڪيوآهي.
پڪ تون هاڻي سمهين پئي هوندينءَ.
مان بهار جي آمد واري جشن ۾ آهيان
ديرمدار رات تو وٽ اچي ويندس. مون کي توتي فخر آهي...
مان گنهگار آهيان تنهنجو!!...
تنهنجي بهادريءَ جي پيرن جو مَٽُ ناهيان.
منهنجي مٿي واري تاج جو پرم توئي رکيو آهي.
مون کي معاف ڪجانءِ.
مان تنهنجي خواهشن جو ڪڏهن احترام نہ ڪيو آهي“!!
جينءَ صبح ٿئي ٿو.
مور جي محل تي ڪانون جو بادشاهه سميت ڪانگيرو آهي.
سڄ کي سيئي ڪانوَ ڪانگهارا ٽا هڻن....
هن جي ايرڻ تي ڏمريل آهن.
هنن کي ڪهڙي خبر تہ سارو جڳ ميهار جي گهر جي لوٽي آهي ۽ سج مانڌاڻي.
ڪانگيري جو دائرو وڏيڪ گهرو ٿيندو ٿو وڃي.
سج تي سڀ ڏمريل آهن.

شور ۾ مان ايترو ٻڌي سگهيس.

”تون پوءِ اپرين ها

اسان ڪانويليءَ ڪي ته وٺي وڃون ها“.

## مختصر ڪهاڻيون

### منل جسڪاڻي

### هٿ جوڙ

هلندي ڪچهري ۾ هِتان هُتان جون ڳالهيون ڪندي هو چوڻ لڳو: ”هٿ جوڙ وڏي ڪم جي شيءِ آهي. جيڪو به اوهان جو ڪم هونئن نه ٿئي، منٿ سنٿ، هٿ جوڙ سان ٿي ويندو“.
هڪ ڏکو ساهه کڻي وري به ڳالهائڻ شروع ڪيائين: ”ان ڏينهن آئون آيس پئي، ڪي احتجاج ڪندڙ روڊ بلاڪ ڪيو بيٺا هئا. سڀ مسافر پريشان بيٺا هئا. انهن ۾ ڪي ڪي سان ڪي مريض، ڪا ويم جا سور ڪائيندڙ، ڪي ضروري ڪم سانگي وقت سر پهچڻ جا خواهشمند، ٻيا به ڪيترائي آزار ۾ ٻيٺل هئا، پر مون کي هٿ جوڙ واري ٽل سُجهي آئي، سو هليو ويس وچ ميڙ ۾، جنهن پئي بيهڻ جو اشارو ڪيو، ان کي پئي هٿ ٻڌم. اهڙي طرح آئون اڪيلو، اهو احتجاجي ميڙ ڪراس ڪري روانو ٿي ويس“.
سندس ڳالهه ڪن ڏئي پئي ٻڌيسين. هن وڏيڪ چيو ”هٿ جوڙ سان ٻيا به گهڻا ڪم ٿين ٿا. مثال طور اوهان اخبارون ۽ رسالا پڙهندا هوندا، ته اوهان کي اهڙيون لکڻيون به پڙهڻ لاءِ نظر مان ڪڍيون پيون هونديون، جن کي پڙهي اوهان پنهنجي پاڻ تي چڙي پيا هوندا. اهڙيون سڀ لکڻيون هٿ جوڙ جي ڪري ئي

ڇپبيون آهن“.
پاڻ ڄاڻ ساهي ڪڻڻ بنا چوڻ لڳو ”ڳالهه اتي پوري نه ٿي ٿئي. هٿ جوڙ ۾ اها ڪرامت آهي، ته ڪتي به نه ڇپجڻ جهڙي تحرير، گهڻين اخبارن ۽ رسالن ۾، واري واري سان به ڇپجي ويندي آهي“.
اسان مان ڪنهن به وچ ۾ نه ڳالهايو، هو ڳالهائيندو رهيو ۽ چيائين ”هٿ جوڙ ۾ اهو به ڪمال آهي ته ڪنهن ليکڪ کي منٿ ڪري، اوهان پنهنجي پاڻ تي به لکرائي سگهو ٿا. جيڪڏهن اوهان منٿ ميڙ قبولڻ جيتري حد تائين هٿ جوڙ ڪري ويا، ته پوءِ جيئن اوهان ٻڌائيندا، چوندا، تيئن ئي ليکڪ لکندو ويندو. پوءِ اهو ڇپجي به ويندو“.
هن جون ڳالهيون ڪن ڏئي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جهڙيون هيون، ان ڪري اسان ماٺ ڪيو ٻڌاندا رهياسين. چئي پيو ته ”هٿ جوڙ جو ايترو اثر ٿئي ٿو، جو اوهان پنهنجي متعلق جيڪو به ڪوڙ لکرايو، اهو ڪوڙ به واري واري سان ڇپجندو رهندو آهي ۽ ڪير به ڇپڻ کان پهرين تصديق نه ڪرائيندو آهي“.
اسان کي ٻڌايائين ”اوهان مان هر ان جي هٿ جوڙ ڪم واري، جيڪا پاڻ تي، سچ ڪوڙ سڀ سندس مرضي سان لکرائي ۽ ڇپرائي، ڄاڪاڻ ته تاريخ، ڄاڻيتي، انسائڪلوپيڊيا به اهڙين لکڻين کي پڙهي ترتيب ڏئي، تيار ڪري، ڇپي ويندي آهي“.

## تعزيت وصول ڪندڙ وراڻيو...

**************************

تڏي تي دعا گُهري فارغ ٿي پڇيائين "سڀ ڪجهہ اوچتو ڪيئن ٿيو؟"
"اوچتو ڪٿي!؟ ناچاڪائي هئي. مقامي ڊاڪٽرن جو علاج هليو پئي. اسان ڀهراڙي جا اڻ پڙهيا ماڻهو، اسان کي تہ ڪو اندازو ئي نہ هو، ڊاڪٽر چيو حيدرآباد ڪنهن وڏي اسپتال ڪڻائي وڃو. ان ڪري ايمبولينس ۾ وياسين پئي. يونيسٽي (يونيورسٽي) وٽ ڇوڪرا روڊ بند ڪيو ويٺا هئا. ڏاڍيون منٿون ڪيوسين، پر هنن لنگهڻ نہ ڏنو. اسان جي هڪ عورت ٻارڙي سميت اُتي دم ڏنو. ٻڌو آهي تہ هڪ مريض ٻيو بہ هو، جنهن بہ اتي دم ڏنو" تعزيت وصول ڪندڙ وراڻيو.

## وقت گذارڻ لاءِ...

**************

"هوءَ ڪير آهي؟"
"هوءَ، هوءَ آهي."
"يلا هوءَ ڪير آهي؟"
"هوءَ، اِها هوءَ آهي."
"ءِ هوءَ ڪير آهي؟"
"هوءَ، اها بہ هوءَ آهي؟"
"انهن ۽ جيڪي هتي نہ آهن، سيني سان، تنهنجو ڪهڙو رشتو

آهي؟“

”جيڪو توسان آهي.“

”مون سان ڪهڙو رشتو آهي؟“

”اهو تون ڄاڻين ٿي.“

”نہ، مونکي خبر نہ آهي، تون ٻڌاءِ؟“

”اهو نہ ٿو ٻڌائي سگهان.“

”ڇو؟“

”ان ڇو جو جواب، مون وٽ ناهي.“

”چڱو ڀلا، تنهنجي شادي ٿيل آهي؟“

”ها. ٿيل آهي.“

”اوهان پاڻ ۾ ڪيئن آهيو؟“

”جيئن زال مڙس هوندا آهن.“

”ٻين کان ڪجهہ مختلف يا بلڪل مختلف؟“

”ٻين کان گهڻو مختلف.“

”ڪيترو مختلف؟“

”اوترو تون تصور ئي نٿي ڪري سگهين.“

”آئون ڄاڻڻ چاهيان ٿي.“

”ها ها... (ٿهڪ) ڄاڻي ڇا ڪنديئن؟“

”پنهنجي مستقبل جو فيصلو.“

”تنهنجو ڪو مستقبل نہ آهي... هاڻي تون بہ هِن، هُن، هُن ۽ جيڪي هتي نہ آهن، انهن جهڙي ٿي وئي آهين.“

”ڇا مطلب؟“

”مطلب اهو ئي، تہ آئون زال جو آهيان. زال منهنجي آهي. اسين ٻئي هڪ ٻئي جا آهيون. اوهان سڀ هُو آهيو، صرف وقت

گذارڻ لاءِ...“

**پوڳ...**

******

هڪ همراه پوڳائي نہ هجڻ باوجود ڪڏهن ڪڏهن، ڪنهن واقفڪار سان پوڳ جي ڪوشش ڪندو هو، جيڪو ڪنهن کي وڻندو تہ ڪنهن کي نہ وڻندو هو. ڪو برداشت ڪندو هو تہ ڪو نہ ڪندو هو.

هڪ ڏينهن ڪنهن واٺ ويندي کي خبر پئي تہ الاٽو فلاٽو پوڳ چرچو ڪندو آهي. ان واٺ ويندي چا ڪيو جو پاڙي پتيءَ مان دانگي ۾ ڪڙو تيل هٿ ڪري اچي پوڳائي وٽ پهتو.

رسمي دعا سلام ڪئي نہ ڪئي جهڙي، هن دانگيءَ تان هٿ ڦيري، هٿن کي تيل هٽي، پوڳائي جي منهن تي ڦيرڻ لڳو...

پوڳائي بہ واهہ جو پوڳائي هو، جيئن هن کي ڪنهن سان پوڳ ڪرڻ نہ ايندا هئا، تيئن هن کي ٻين جا پوڳ پڻ سمجهہ ۾ نہ ايندا هئا. ان ڪري واٺ ويندڙ اڻ واقف کان پڇيائين، اهو تون چا پيو ڪرين!؟

واٺ ويندي چيس ماٺ ڪر، آئون توسان پوڳ پيو ڪريان، مون کي پوڳ ڪرڻ ڏي.

پوڳائي ڏاڍو خوش ٿيو. هن کي پڪ ٿي تہ اهو اڻ سڃاڻ سندس پوڳن مان لطف اندوز ٿيندو هوندو...

خير، واٺ ويندڙ تہ ڪاروائي ڪري روانو ٿي ويو، پر ٿوري دير ڪانپوءِ ڪڙي تيل سبب پوڳائي جو اچي منهن سڙيو. منهن سڙڻ جو سبب معلوم ڪرڻ وجي آرسيءَ تي بينو. جيئن ئي

پاڻ کي ڏنائين تہ رڙ ڪري چيائين "مار! ڀوڳ تہ آئون بہ ڪندو آهيان، پر هي واهہ جو ڀوڳ آهي. منهنجي ڪنهن ڀوڳ تي، ڪنهن جو بہ منهن ڪارو نہ ٿيو، هي تہ ڀوڳن ڀوڳن ۾ منهن ڪارو بہ ڪري ويو ۽ منهن ساڙي بہ ويو، جنهن ڪري اکيون بہ ڳاڙهيون ٿيون اٿم، انهن ۾ تہ پاڻي بہ ڀرجي آيو آهي!"...

واهہ رنگي تنهنجا رنگ... نہ ڀوڳ ڪرڻ ٿا اچن، نہ ڀوڳ سهڻ جي تميز آهي...

.

مضمون

## ٽين نسل جي ڪهاڻي

**علي صفدر**

اڄ ڪلهه ميڪون ايوين لڳندا هي،
ڪل جڳ مين هان
مين آزادي
مين هي جنگ هان
ميڏا پرش پروڙيندا هي،
ميڏي دل اياڻي ڪونهي،
مين ناول دي گهرائي هان،
ميڏي ڪوئي ڪهاڻي ڪونهي...

ڪهاڻيءَ جي ڪا بہ ڪهاڻي ڪونهي...مان نٿو چوان..سنسار نگر جي خوبصورت شاعره فردوس سولنگي پنهنجي سرائڪي نظم ۾ چوڻ چاهيو آهي... شهر شهر ڪهاڻيءَ جي سري هيٺ...الئہ تہ ڪيترن شهرن، ڳوٺن، واهڻن، وسندين جون ڪهاڻيون گڏ ڪيون اٿم...ڪهاڻيءَ ۾ Cilaimax ضروري آهي..چو تہ ڪلائيميڪس ڪهاڻيءَ جو نڪ آهي...نڪ..سان ڳالهہ ياد آئي آهي..جيڪا ڳالهہ شهر شهر ڪهاڻيءَ مان

هڪڙي شهر جي ڪهاڻي آهي..اتي ٻڌو ٿئون ته....ماڻهن ڪي نڪ ئي ڪونهي...ڪجيب Cilaimax آهي...نڪ نه هجڻ.....نڪ نه هئڻ بنان به ساه جي هلچل روان دوان آهي...پر نڪ...غيورپڻي..خوداعتمادي..۽ وجود جي شخصي پڻي ۾ هڻ ڪي واضع ڪري ٿو...ڪوڙ ڪهاڻيون...ڪوڙ شهر...هر شهر جي ڪهاڻي پنهنجي پنهنجي آهي...ڪهاڻيون ڀلا اسان وٽ ئي جنم ڇو ٿيون وٺن...؟

ڇو ته اسين تمام وڏا ڪهاڻيڪار، فنڪار ٿي ويا آهيون....فنڪار لفظ تي غور ڪبو ته......ان جو ڪلائيميڪس به حيرت انگيز...سچ آميز آهي...فن..ڪار...فن سان جڻ ڪرڻ وارو.....فن ته ڪائنات ۾ به آهي...فني گهاڙيٽو اسان ۾ به آهي...پراڪرتيءَ ۾ هر شيءِ ) خالق ڪائنات جي مظهر سان ( فني گهاڙيٽي ۾ مڪمل آهي...فن سان، ڪاري لفظ واري، ڪار...ڪو مڙئي سڙئي ڪم، واقعو ته اسين سنڌي سڀ جو سڀ ڪهاڻيون آهيون...(پر آنءُ ڪهاڻي ناهيان...مان پڪو پختو سنڌي به هان... (۽ اسان جو ماضي... اسان جو ڪلائيميڪس.....هر روز اخبارن جا ڍير...مشينن جي ڊوڙ...هٿن جون تيز حرڪتون...ٽائيپنگ...ڪمپوزنگ...پروف ريڊنگ...هيڊ

لائينس...وغيره وغيره جو ڏمچر...تهان پوءِ اخبار جي شڪل جڙي تيار ٿي...مشينن سان گڏ گڏ اديبن، ليکڪن،،،مضمون نگارن...تجزيئيڪارن جا هٿ ۽ ذهن به ڊوڙڻ لڳا آهن....پر ڇا ٿو ٿئي....؟اوهان پنهنجو آرٽيڪل..فقط اوهان پڙهو يا اوهان ڇوياريءَ ۾ رهندڙ اوهان جا چرڙيا يار...باقي جنهن پڙهيو نه پڙهيو...ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري...اخبار ڪٽ جي واڌاڻ ۾ ڦاسائي ڇڏي آهي...هر ڪهاڻيءَ جو جنم اسان مان ٿئي ٿو...اسان ڪير آهيون...؟ ماڻهو يا معاشرو..؟ ڪهاڻيءَ ڪي ڪلائيميڪس ملي ٿو وڃي...ٻنهي مان ڪوئي به...پر بهتري ته ٻنهي ۾ ڪانهي...جڏيون يا سگهاريون ڪهاڻيون ماڻهو ۽ معاشري جي ڪک مان جنم وٺنديون آهن...ڪهاڻيءَ مان ته ڪهاڻي جنم نه وٺندي آهي...آنءُ ڪهاڻي آهيان...نه ماڻهو نه معاشرو...ان لاءِ مون منجهان ڪا به ڪهاڻي جنم نه ٿي وٺي سگهي...توڻي اهو هڪ نقص به آهي ته آءَ تخليق ايجاد نٿو ڪري سگهان...پر..؟ پر مان ان ڪهاڻيءَ ڪي جنم نٿو ڏئي سگهان منهنجي وجود، علم وجود جو اڻوٽندڙ نڪ (ڪلائيميڪس) ٻڻجي پوي...مون مٿي ذڪر ڪيو ته شهر شهر جي الڳ ڪهاڻي آهي...يا سڄي سنڌ هم اوسط ناول جو پس منظر آهي...؟؟ هي سڀ ڇا

آهي. هر نوان سياسي اعلان...عمل ٿڪي جو ٻه نه...رڳو وهم ۽ ويساهه گهاتيون...مهنگائيءَ جون ڪاتيون تکيون...اوڏڻ لئه بوڇڻ خريدڻ جي وسيعت نه...هر پيري وڏيري، پيرن جا ووٽن ونڻ وقت ساڳيا ساڳيا واعدا...هرپيري عقل جو انڌو سنڌي ماڻهو...پروسي جي بگل ۾...گهلجڻ لئه اتاولو...هار.. جيت..ڪير ٻه چڙهيو..پوءِ وري ڪي مهڙ ڪا نه ڪندا..تان جو وجي بي سرڪار نه جڙي...

پير، وڏيرا پيا شرابن، ڪبابن ۾ راتيون رنگين ڪندا...۽ عوام..قوم..راڄ..اڳ وانگر ڇوروڇنو..ڇوراڇنا ٻه وري اهي ٿيندا جيڪي باضميريءَ جي جبي ۾ پاڻ کي ويڙهي دنيا کان لڪندا وتندا...باقي تسريون ڇٽڻ وارا ٻه پنهنجي ميرن، پيرن وانگر..ڏينهن جو ساڌ...۽ رات جو شاهينگ...ڪهاڻيءَ مان ڪهاڻي جنم نٿي وٺي... پر ڪهاڻي ماڻهو ۽ معاشري جو گنج آهي. شهر شهر جي الڳ ڪهاڻيءَ جي سري هيٺ..ڪيترين ڪهاڻيون..بيان ڪجن...آنءُ جنهن ڳوٺ ۾ رهان ٿو..مونسان گڏ اڳ..هن ڳوٺ ۾ علم، ادب،صحافت، موسيقيت ۽ مذهبي پيروڪاري ڪندڙ منهنجا ڪوڙ دوست، احباب..محترم..رهي، ٿڪي عمر جو اڌ حصو گذاري هاڻي ٻه پنهنجي پنهنجي دنيا ۾ زنده ۽ آباد وينا

آھن..ڳوٺ ناھي..بس ھڪڙي ڪھاڻي آھي..پر ان ڳوٺ جي ڪھاڻي..اسان جي انھن صحافي دوستن ۽ ميڊيا تائين ناھي پھچائي...تہ ان شاعرن، اديبن، فنڪارن، اوستاد فردن ۽ ڪا نہ پھچائي...جن ھر ھر دعويٰ سان چيو پئي رہ اسين عظيم ڪھاڻيڪار آھيون، منھنجو ڳوٺ ) جمال خان چانڊيو..تعلقہ قنبر ۾ واقع) رڳو منھنجو تہ ناھي..پر ڪنھن ۽ ڏاھي من ان ڪھاڻيءَ تي نظر ئي ناھي وڌي..3 1 0 2 دوران تعليمي حوالي سان..ججن جو شڪاز نوٽيس ماسترن تائين پڳا ھا.. تہ ڪوڙ گوسڙو ماستر تہ سويل ئي وڃي ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ لڳا ھا..پر شايد منھنجي ڳوٺ جي وڏيري..سپريم ڪورٽ ڪي شوڪاز نوٽيس جاري ڪندي حڪم ڪيو ھو تہ ) جاگير ھڪ ڪان ويندي 9 تائين) ) تعلقہ قنبر ۾ ٽوٽل 9 جاگيرون آھن) ھڪڙي ۽ ڳو
ٺ جي ھڪڙي ۽ اسڪول ۾ ججن جو دورو ناممڪن..ذري گھٽ..ماڻھن ۾ معاشري جي توھين آھي) اھڙي نوٽيس ڪي جج سڳورن اڪين تي رکي، چمي... منھنجي ڳوٺ ڪان ويندي..ھڪ ھزار ٻين ڳوٺن جي اسڪولن جو ڪو ۽ دورو نہ ڪيو...اھڙي پٽيرائيءَ سبب..منھنجي ڳوٺ جا ماستر..بدمست..لاشعور..بي شناس ٿي ويا آھن..ڳوٺ جو وڏيرو ماڻھوءَ مان راڪاس

ٻڌجي ويو آهي..پنج سئو گهرن تي مشتعمل ڳوٺ ۾ اجتماعي ڳڻپ مطابق پنج سئو کان وڌيڪ ٻار، ٻارڙين..تعليم..صحت..تحفظ..شعور نہ هئڻ سبب..انڌا..ڏٻرا..خوخ زده..۽ حيواني عادتون اپنائڻ لڳا اهن..اتي ڪا بہ اين جي اوز جي عمارت ڪانهي..ڪنهن بہ لوڪل پروجيڪٽ تحت ڪو بہ ادارو، ماڻهو ڪم نٿو ڪري...۽ ڪو بہ سرڪاري ڪامورو لڙي ڪو نہ آيو آهي...مامرا روز بگڙجندا ٿا وڃن...اتر سنڌ ۾ رهندي بہ مونکي منهنجو ڳوٺ پاڪستان کان ڪٽيل ٿو محسوس ٿئي..محترم جناب تعليم جو وزير نثار کهڙو..وس وارين ڌرين...سماج سڌارڪ ڌرين کي گهرجر تہ هو منهنجي ڳوٺ جي ڪهاڻيءَ کي پڙهن...سمجهن...۽ ان ڪهاڻيءَ جي درد کي محسوس ڪن...انهن پنج سئو ٻارڙن...ٽين نسل جي معمارن جي ٽين اک لئہ تعليمي اسڪولن کي متحرڪ نموني سان هلايو وڃي ۽ ڪٿي ايئن نہ ٿئي تہ اسين اکين هوندي انڌا ٿي وڃون ۽ پوءِ تہ ڪا بہ پرک نہ ڪري سگهنداسي تہ ) رڳو ڪهاڻيون اسان وٽ ئي جنم چو ٿيون وٺن) هي ڪامورا..وڏيرا..وغيره وغيره..اهي فنڪار ڪيئن بڻيا..؟چو تہ فن..۽ ڪار.. وارو فنڪار..پنهنجي اندر ۾ قطئي مڪمل انسان ناهي هوندو.....



# امر جليل صوفي ڪهاڻيڪار

عباس سارنگ

ڪهاڻي جي فن تي ڳالهائڻو ناهي، باقي ڪهاڻيءَ جي فنڪار تي ضرور اظهار ڪرڻو آهي......امر جليل لاءِ هڪ دوست موبائيل تي فون ڪري مون کان پڇيو.

”ادا عباس سارنگ! يار اهو ته ٻڌاءِ مون کي خبر نه آهي ته !!“ مون ڪيس چيو.

” ڳالهه ڇا آهي حڪم ڪر مان حاضر آهيان...“

هن چيو

”امر جليل ڪير آهي....؟“

ان تي مون ڪيس چيو....

”مان تنهنجي هاڻي به ڳالهه نه سمجهي سگهيو آهيان ته تنهنجي ڳالهه جو ڇا مطلب آهي يا مون کي ٻڌاءِ ته تون ڇا ٿو پڇڻ چاهين....؟“

ان تي منهنجي انهيءَ دوست چيو ته،

”ادا! مان اهو ٿو پڇڻ چاهيان ته امر جليل مسلمان آهي....؟“

”انهيءَ دوست جي ان ڳالهه تي مون کان ٿهڪ نڪري ويا....“

پر جڏهن جواب ڏيڻ لاءِ ڪجهه چوڻ چاهيم ته مون وٽ واقعي جواب نه هو حيرت ٿي ته هن دوست کي ڪهڙو جواب ڏيان ته هي ڪير آهي...؟ پر پوءِ هن کان پڇيم ته

”تون صاحب اهو ڇو ٿو پڇين؟“

تنهن تي هن چيو ته

”سنڌ ٽي وي تي امر جليل جو پروگرام ڪلاس روم ڏسندو آهيان ان ۾ هو مون کي ڪتان به مسلمان نظر نٿو اچي....!!!“

وري چئي وينو

”ڪير آهي هاڻي ته ٻڌاءِ نه...“

ته مون ڪيس چيو،

”يار ڪهاڻيڪار آهي ۽ ٻيو صوفي ماڻهو آهي.....۽ مسلمان به آهي....“

مسلمان انڪري چيم ته اسان جي هن يگاني صوفي ڪهاڻيڪار تي الاءِ ڇا سوچي ته مون کي مسلمان هجڻ وارو جملو به ڪڍ چوڻو پيو....

اهو ٻڌي هن فون تي مون کان موڪلايو....

ٿي سگهي ٿو امر جليل کي صوفي چوڻ تي ڪجھ دوست مون سان اختلاف رکندا هجن پر هي هڪ منهجو ذاتي رايو آهي مان غلط به ٿي سگهان ٿو.....۽ هيئن به ٿي سگهي ٿو ته مون سان جند امر جليل صاحب به اختلاف ڪندو هجي.....پر مون کي هن جي لکڻين ۾ هو ڪافي حد تائين صوفي، اندر جو ڀرپور انسان ٿي نظر آيو آهي.

منهنجي امر جليل سان ڪابه ذاتي ملاقات نه آهي پر لکڻين جي روپ ۾ مون سان گڏ رهيو آهي. اسان سنڌ جا پڙهيل يونيورسٽين جي دور ۾ امر جليل کي پڙهندا ايندا آهيون....ڪهاڻي جي دنيا ۾ گهڻو پڙهيو ويندڙ ڪهاڻيڪار امر جليل ئي آهي. امر جي ڪهاڻي جو اسلوب سنڌي ڪهاڻي کي

امر ٻڌائي ويو آهي. قمر شهباز جي همتائڻ تي لکڻ شروع ڪندڙ امر جليل ڪهاڻي کي پنهنجي قلم مان اهڙيون ته ڪهاڻيون ڏيئي چڪو آهي جيڪي پنهنجي سچن پچن ڪردارن سان گڏ هميشه موت ماڻيندڙيون رهيون آهن. امر هر دور جو ڪهاڻيڪار بڻجي چڪو آهي. امر جون ڪهاڻيون پنهنجو پاڻ مجرائي چڪيون آهن.

تنقيدنگار هن جي زو معنيٰ ڏيندڙ مڪالمن ۽ جملن کي معاشري تي طنز ڪري چوندا آهن پر مان ڪجھ الڳ ئي سوچيان ٿو ته اهي ڪهاڻيون، انهن جا ڪردار، انهن جا مڪالما، انهن جا جملا امر جليل جي قلم جي نوڪ مان ائين پاڻ هرتو ٿي نه لکيا ويا آهن پر تجربي جي ٻٺي مان پچي راس ٿي پوءِ نڪتا آهن. جيڪي ڪنهن به رنج ڪرڻ يا ڪنهن تي طنز ڪرڻ لاءِ ڪونه لکيا ويا آهن پر سماج جو اولڙو سماج کي ئي ڏيکارڻ جو ڀرپور اظهار آهي.....اها انهن ڪهاڻين ۾ موجود ڪهاڻين جي شڪتي آهي ئي آهي جيڪا ڇهن ڏهاڪن کان سنڌي نسل جي وڏي کيپ کي متاثر ڪندي آئي آهي.....

امر جليل جو اسلوب Diction هن جي ڪهاڻين کي ٻين ڪهاڻيڪارن کان مختلف ڪري ٿو....اسان جا ته ڪافي وقتي ليکڪ هن جي انداز کي ڪاپي ڪري لکندا رهيا آهن پر جيئن ته انهن جو هن ڪهاڻي قافلي ۾ سفر ٿورڙو هجي ٿو تنهنڪري هو هن قافلي کي ڇڏي پنهنجي دنيا ڏانهن هليا وڃن ٿا ۽ جيڪي هن قافلي سان هميشه سلهاڙيل رهن ٿا ته اهي پنهنجو اسلوب Diction ڏين ٿا. امر جليل جي اڪيلي ناول ’نيٺ گونگي ڳالهايو‘ کان جيڪي ڪهاڻين جا ڪتاب آهن

انهن ۾ ’منهنجو ڏس آسمان کان پڇو‘، ’رني ڪوٽ جو خزانو‘، ’جڏهن مان نہ هوندس‘، ’سنڌو منهنجي ساهہ ۾‘، ’تاريخ جو ڪفن‘، ’دل جي دنيا‘ ’ٽيون وجود‘، ’راهون جدا جدا‘، ’رج‘، ’هن چار ۾‘، ’اندرا‘، ’چنڊ وسامي ويو‘، ’چيني ۽ چرٻٽ جون ڪهاڻيون‘، ’سرد لاش جو سفر‘ انهن ڪهاڻين جي مجموعن کان سواءِ سندس مختلف صنفن تي بہ ڪتاب لکيل آهن جهڙوڪ ’تنهنجون منهنجون ڳالهيون (ڪالم)، جيجل منهنجي ماءُ (ڪالم ڪهاڻيون)، لهندڙ سج جي لام (مضمون ۽ تقريرون)، سنڌ نامو (ڪالم ۽ ڪهاڻيون ۽ مضمون)، ادب ۽ سياست (سياسي ڪالم ۽ مضمون)، آتم ڪٿا ۽ ڏٺي بخش ڏني، فدا حسين ڦودني ۽ ڦندڻ جا ڪالم شامل آهن. ان سان گڏ ڪيترا ئي ڊراما آهن جيڪي هن ريڊيو ۽ ٽي وي جي لاءِ لکيا آهن جهڙوڪ: دريا توتي دانهن، سڄڻ سفر هليا، زخم زندگيءَ جا، اونده ۽ روشني، هونداسي حيات، عيد ٽي ويئي، دوزخ، ماءُ، فرمانبردار، مٽيءَ جا ماڻهو، دل جي دنيا، انسان ۽ ڳوليان ڳوليان مَ لهان شامل آهن، جن ۾ سچا پچا ڪردار پنهنجي حقيقي روپ سان اسان پسي سگهون ٿا. سندس اهو لکڻ جو سلسلو رڪيو هرگز نہ آهي.

امر جليل 08 نومبر سال 1936 تي قاضي عبدالغني جي گهر ۾ پيدا ٿيو سندس اصل نالو قاضي عبدالجليل آهي. سندس والد روهڙي جو رهاڪو هو. امر جليل وڏو عرصو ريڊيو پاڪستان سان سلهاڙيل رهيو ۽ علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي جو وائيس چانسلر بہ رهيو. هن وقت رٽائر آهي. هن وقت مختلف اخبارن ۾ ڪالم ۽ ڪهاڻيون لکندو رهي ٿو

۽ سنڌ ٽي وي تي ’ڪلاس روم‘ جي نالي سان شو پڻ ڪري ٿو، جتي هن جو صوفي رنگ پسي سگهجي ٿو ۽ جتي صوفيت جي پرچارڪ جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. ماڻهن کي سندس ڪلاس روم ۾ هڪ ’صوفي استاد‘ جو اهو روپ تمام سٺو ۽ پلو لڳو آهي. تنهنڪري ڪنهن نہ ڪنهن جي واتان ان شو جو ذڪر اڪثر ٻڌڻ ۾ پئي ايندو آهي. روز جي انيائن تي بحث مباحثو ڪندو رهي ٿو. سنڌ جيڪا صوفين جي سرزمين آهي ان تي هر مذهب جي ماڻهو جي عزت ۽ احترام هو ان تي هي انتها پسندي ڪٿان اچي ويئي. مطلب تہ پنهنجي ڪهاڻين واري انداز ۾ ماڻهن کي صوفيت جو درس ڏيندو رهي ٿو۽ سني عمل تي هلڻ جا هوڪا ڏيندو رهي ٿو. وڏي ڳالهہ اها آهي تہ ماٺ نہ آهي.

سنڌي ادبي سنگت مرڪز جي ’سنگت‘ پبليڪيشن (ميگزين) جولاءِ-آگسٽ 2008 جي شماري ۾ ڇپيل انٽرويو ۾ هن سوال تہ ”ان ڪانپوءِ توهان جو پنهنجوميدان جتان پوءِ توهان باقاعده چيمپيئن ٿي رهيا آهيو؟“ تي امر جليل واضع طور چئي ڏنو تہ ”نہ نہ نہ نہ فقير آهيان، مون کي فقير چئو، نہ بابا نہ نہ نہ فقير فقير، اسان فقيري وني ڇڏي آهي، اسان فقير آهيون.“

امر جليل جي ڪهاڻي ڪتاب ’دل جي دنيا‘ سال نومبر 1991 ڇپائيندڙ سڳنڌ پبليڪيشن لاڙڪاڻو، حيدرآباد سنڌ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ ”منهنجي خلاف منهنجي ڪهاڻين جي ڪردارن کي مد نظر رکي الزامن جي فهرست تيار ڪئي ويئي آهي. انهن ڏهن سالن ۾ مون پڻ پاڻ کي پنهنجي ڪهاڻين ۾

ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مان ڪير آهيان؟ ’دل جي دنيا‘ وارو شامو آهيان! ’پڙلاءُ‘ وارو ساجن آهيان! ’بارنيس اسٽريٽ جو غنڊو‘ آهيان! ’منهنجو ڏس آسمان کان پڇو‘ واري ڪهاڻيءَ جو گوتم آهيان! ’اروڙ جو مست! ۾ عبدالرحمٰن ڏاڙيل آهيان! ’تاريخ جو ڪفن‘ ڪهاڻيءَ ۾ اياز مڪراني آهيان! ’جڏهن مان نه هوندس‘ ۾ ڦاهيءَ کان اڳ آخري ڪهاڻي لکڻ وارو قومپرست آهيان! مان ڪير آهيان؟ مان ڪنهن به نتيجي تي پهچي نه سگهيو آهيان، اصل ۾، مان ڪنهن نتيجي تي پهچڻ جو خواهشمند نه آهيان. ائين برابر آهي ته ڪو به ليکڪ پاڻ کي مڪمل طرح پنهنجين تحريرن کان جدا ڪري نه سگهندو آهي، پر ليکڪ کي سندس ڪهاڻين جي انيڪ ڪردارن مان ڪنهن به هڪ ڪردار ۾ ڳولڻ، يا ان ڪردار سان وابسته ڪرڻ ممڪن نه آهي، بي معنيٰ زندگيءَ کي ڪا معنيٰ ڏيڻ لاءِ مان لکي رهيو آهيان. لکڻ منهنجي لاءِ اظهار، ۽ هئڻ جي احساس جو ذريعو آهي. ويهه-ٻاويهه سال لاڳيتو ڪهاڻيون ۽ ڊراما لکڻ جي باوجود مان پاڻ کي پنهنجي ڪنهن به هڪ ڪردار ۾ ڏسي نه سگهيو آهيان. مان سچل سرمست جو معتقد آهيان. ’ڪوڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي، آئون جوئي آهيان، سو ئي آهيان.‘

امر جليل جي ڪهاڻي ’سياڻن ۾ هڪ ڀوڪ‘ جو هيرو جيڪو پنهنجي هڪ الڳ سوچ رکي ٿو. سندس گهر وارا پيءُ، پائر ۽ پينر کيس سمجهي نٿا سگهن. هن کي ناڪارا سمجهن ٿا، پر امر جليل انهيءَ ڪردار مان ٻين ڳالهين سان گڏ جيڪو خيال اپاريو آهي. اهو شاهه عنايت شهيد جي ياد ڏياريو

ڇڏي...جنهن چيو هو تہ ’جو ڪيڙي سو ڪائي‘. انهيءَ فلسفي جو تاثر هن ڪهاڻي ۾ نظر اچي ٿو. حوالي طور هتي سندس ڪهاڻي جو ٽڪرو نقل ڪري رهيو آهيان.

مون آهستي آهستي ڪنڌ مٿي ڪيو، سيني جا چهرا ڏٺم. اکين مان جڻ شعلا پئي نڪتن. جواب ڪان جند ڇڏائڻ مشڪل ٿي پئي.

وراڻيم. ”مونکي زمين وٺي ڏيو.“

”خوب! واهہ جا ڳالهہ ڪئي اٿئي! مان سياڻي بئراج جي زرخيز حصي ۾ توکي پنج سو ايڪڙ الاٽ ڪرائي ٿو ڏيان، ڦٽيون چاندي اٿئي ۽ ڪٽڪ سون ۽ ان ايراضيءَ ۾ هاري بہ سستا ملندءِ.“

ڪريم چيو ” اهڙي بهترين رٿ تہ توکي اڳ ئي ٻڌائڻ گهربي هئي.“

مون آهستگيءَ سان وراڻيو. ”مان زميندار ي نہ ڪندس.“

”اڙي هينئر جو چيئہ تہ توکي خريد ڪري ڏيون؟“ عزيز ڪاوڙ منجهان چيو.

”مون زمين لاءِ چيو هو، پنج سو ايڪڙن لاءِ نہ.“ جواب ڏنم، ”مونکي پنج ايڪڙ زمين وٺي ڏيو، مان پاڻ هر هلائيندس، مان هاري ٿيندس.“

”يوڪ“ نجمہ چيو، ۽ چمچو سوپ جي پليٽ ۾ اڇلائي هلي ويئي.

بلقيس چيو. ”اجو دماغي مريض آهي.“

ڪريم رڙ ڪندي چيو. ” لعنت آهي اهڙي پاءُ تي جيڪو خانداني ترقيءَ ۾ هٿ نہ ونڊائي.“

”چا تہ ڏينهن هئا!“ بابا پنهنجي سند ڏانهن ڏسندي چيو.

سڀ آهستي آهستي ڪرسين تان اٿندا ويا ۽ ٿوري دير ڪان پوءِ سڄي ڪمري ۾ مان اڪيلو رهجي ويس.

امر جليل جي ڪهاڻي ’رڄ‘ جيڪا گهڻي ڀاڱي ڊائيلاگس تي مشتمل ڪهاڻي آهي. امر جليل جي صوفيت واري پاسي کي وڏيڪ نروار ڪري ٿي. هن ئي ڪهاڻي ۾ سچل جي بيت جو سهارو ورتي يا سچل جي چيچ پڪڙي چوي ٿو:

”مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا، شيخن، پيرن، پنڊتن، بيحد ڀلايا،

ڪي نمازون پڙهن، ڪن مندر وسايا، اوڏو ڪين آيا، عقل وارا عشق ڪي.“

امر جليل جي هيءَ ڪهاڻي انسانن جي هٿ ٺوڪين روايتن کي ننڌي ٿي. سندس ڪردارن ذريعي انسانن کي پنهنجو عڪس ڏيکاريو ويو آهي.

امر جليل سنڌ ڌرتي جي خمير مان نڪتل فرد آهي هن جي ذات ۾ صوفيت جو رنگ نمايان نظر اچي ٿو. هو هر مذهب کي پنهنجو مذهب سمجهي ٿو. امر جليل عام ماڻهن جو عام ليکڪ آهي هو عام ماڻهوءَ جي ڪنهن بہ حق تلفي تي ماٺ نٿو رهي پر ان وقت سندس قلم کي جنبش اچي وڃي ٿي. امر جليل پنهنجون ڪهاڻيون صوفي ٿي لکيون آهن ۽ نسورو سچ لکيو آهي. تڏهن تہ اهي ڪهاڻيون مجتا جي اوچاين تي نظر اچن ٿيون.

## مختصر ڪهاڻيون

## اکيون ۽ خاموشي+ چپ

## شبيرحسين" شبير

چُپِ ...... چُپِ
چپن جي بہ چپ،
اکين جي بہ چُپِ
گهِري خاموشي
........
خاموشيءَ جو چولو لاهيندي، پلڪن کي مٿي ڪندي هن اکين ئي اکين ۾ سوال پڇيو،
مون چپن جون دريون کولي وراڻي ڏيندي مون بہ ڪائنس هڪ سوال پڇيو،
لفظن جا ڪجهہ پوپٽ اڏائيندي، اکين جا تاڪ بند ڪيائين.
هيسيل اهڙي جڻ هِرڻي،
چالاڪ اهڙي جو، جڻ لومڙي بہ ڪائنس روز چالاڪي جا سبق سکندي هجيسِ،
حياءُ اهڙو جو ....، .......،
مون اندر ۾ وحشتن جا ڪليل سڀ در بند ڪري ڇڏيا.

چمي مُقدس هوءَ
جنهن چپن ڪان

**محبت جو پهريون نظم**

**ٻڌو هوءِ**
**سار جي سرگوشيءَ سان**
**جنوري جي ٿڌي واءُ سان**
**ڪوسي صواد**
**جا راز پئي سَليءِ**
**!سيارو آيو آ سڄڻ**
**تون هلي آءِ**
**يادن جي ٿانڊن تي**
**!!پاڻ ڪيسيٽائين سيڪيندسِ**
**"شبير"شبير حسين**

**ڏوري نظم جي خوشبو**
**اجان تازي آهِ**
**نہ لڪين سِڻُنِ ۾**
**تنهنجي ڳالهين جي سرگوشي**
**اجان باقي آهِ**
**اڻ اُچاريل لفظن جي سار**
**يادن جي بارشن ۾**
**باقي آهِ**
**!هاءِ جانان**
**منهنجي زندگي جي رات ۾**
**تنهنجي وُجود جو نورُ،**
**اجان باقي آ.....**

# ڪهاڻيءَ رقاصا جو ويران بالاخانو....

## ضراب حيدر

لکين ڪروڙين ڪهاڻيون روزانو هِن ڌرتيءَ جي گلوب جي گولائي تي گهمنديون ڦرنديون رهن ٿيون، تصويري/ چٽسااليءَ جي اُڪريل اهڃاڻن ڪان وٺي، گم ٿيل تاريخن ۾ به ڪهاڻيءَ جو پنهنجو هڪڙو عروج ۽ ڪمال رهيو آهي. ڌرتيءَ جي وجود تي نظر ايندڙ ۽ ميسارجي ويل سموريون فُٽ پرنٽس (Foot prints) ڪا گواهي يا ثابتي ڏين يا نہ ڏين پر اُهي سمورا پيرا لکين ڪروڙين ڪهاڻين جو تسلسل آهن جن زندگيءَ/جيوت کي ارتقا ڪان عروج تي رسايو. پل اسان اُن کي نہ ڏٺو هجي، پل اسان اُن بابت ڪجهہ نہ ٻُڌو هجي، پر ڪهاڻي هڪڙو تسلسل بڻجي ڪائناتي ڌماڪي (Big Bang) ڪان وٺي آدم ۽ آدم ڪان وٺي تهذيبن جا دؤر اورانگهيندي وقت جي رفتار سان ڪاهيندي آئي آهي.

ڪهاڻي جيڪا آسماني صحيفن ڪان وٺي زميني ورقن جي زنده صنف آهي ڪهاڻي جيوت جا سمورا رنگ سمائي ”ڪُن فيڪون“ جي آواز ڪان سُرندي رڙهندي اچي، تنهن کي جيوت جو ظاهري مرگ پَسمر ڪري نٿو سگهي.

هيءَ جا ڪهاڻي هر جيوت هر ڪِرت ۾ وسي پئي، هر رنگ ۽ نسل ۾ ڪِلي ۽ نچي پئي اُن جو ڪلائيميڪس اجان ڪٿي آيو

آهي!؟ هوءَ جا ڪهاڻي پنهنجي سمورين حُسناڪين ۽ المين سان زنده آهي سا اينٽي ڪلائيميڪس جو يو-ٽرن (U-Turn) ڪاٽي نئين ڪان نئين دڳ تي پنهنجي سفر سان ڏمالون هڻندي، ٽانڊُو ناچ نچندي مُهين جي رقاصا جيان تخليق جا راز آشڪار ڪندي رهي آهي.

ڪهاڻي جيڪا منهنجي محبوبا آهي، سا ته مونکان سدائين رُٺل رهي آهي. جڏهن کان عدم جي خواب مان جاڳيو آهيان، اڪ پٽي اٺم هوش سنڀاليو اٺم ڪيس پرچائيندو ئي رهيو آهيان. مون جهڙن ٻين ڪيترن چاهيندڙن، عاشقن ڪان ٻه هوءَ اجان سوڌو ناهي پرتي. زندگيءَ جي ڪوني تي رقص ڪندڙ ڪهاڻي محبوبا، جنهن جي پيرن ۾ گهنگهرن جي گهنگهورتا سان گڏ هڪڙي درد جهڙو ڪٿڪ رَقصندي، گنگندي ليئا پائيندي دلين ۽ آرسين جيان ٽُٽندو رهيو آهي، اُن ڪي اجان سوڌو ڪنهن ٻه نه ميڙيو آهي. سندس سمورا چاهيندڙ هڪڙي عجيب نشي ۾ اُن ڪٿڪ جون رمزون ۽ راز پروڙڻ ۾ جُڳن ڪان مَحو رهيا آهن پر اجان تائين ڪهاڻيءَ جي رقص ۽ ڪٿڪ جي ڪٿا ڪنهن ٻه نه پروڙي آهي.

ڪٿا جيڪا ڪهاڻيءَ جي ڪٿڪ ۾ ڪنڪندي، گُهنگهرن جي ڇن ڇننا ڇن ۾ سِمرندي ڪائنات جي رڌم ڪي ڇُهندي رهي آهي اُن ڪي قديم دؤر جي عاشقن ۽ چاهيندڙن ڳاهه ڪري ٻه ڳايو ته قصو ڪٽي ٻه ٻڌايو، دستاويزي اتهاس جي نه ڪٽندڙ ورقن ۾ ڪهاڻيءَ داستان جو دامن ٻه ويڙهيو ته سورني ۽ بيت جي سائن سان ٻه سهيڙيو پر پوءِ ٻه هُن (ڪهاڻي) جو خدوخال ڪوني جي اُن رقاصا، اُن محبوبا جهڙو رهيو جيڪا مختصر گهڙين ۾ پل

جي رقص ۾ ڪيترين ئي ڪٿائن جو ڪٿڪ نچي ڳالھ ڪوتاھ ڪري رکندي آئي، قِصو تمام ڪري داستان دم ڪري ڇڏيائين مطلب تہ:

عشق تمام برھ تمام، وو! مين لُوني يار لوڪو
سيج سُتي نون جهپ نہ آوي، نيڻين نند حرام. (شاھ)

سوچيان ٿو، آخر ڇو ڪهاڻي محبوبا جي چاهيندڙن ڪي نند ڪٽي وئي!؟ جيڪڏهن ڪين نند نہ ڪنيو تہ ڪهاڻي محبوبا ڪان غافل ضرور ٿي ويا، پلا ٻيو ڪجھ نہ تہ ايترو سو ضرور ٿيو جو اُهي ڪيس پيار پُراڻي يا راند ٻاراڻيءَ وانگي وساري وينا، يا وري هُنن ايئن ڀانيو تہ هاڻي سندن محبوبا (ڪهاڻي) پوڙهي ٿي چُڪي آهي!؟

سوچيان ٿو، شمع بہ ڪڏهن پوڙهي ٿيندي آهي ڇا؟ پتنگ ۽ پروانا بہ ڪڏهن موٽيا آهن ڇا؟؟ هي ڪهڙو پريم هي ڪهڙو عشق هو جيڪو اُپرندي/اُسرندي ئي ميرانجهڙو ٿي ويو!

ايئن بہ ڪونهي تہ ڪهاڻي رڳو پنهنجي چاهيندڙن ۽ عاشقن جي محبوبا رهي، ”اُها تہ اُنهن گوپين جي بہ رام ڪرشنا رهي جيڪي ساڻس نندپڻ ڪان پريم ليلائون ڪنديون رهيون، ڪهاڻيءَ ڪٿا جي ڪٿڪ جون ڪيتريون ئي گوپيون داسيون ۽ ميران ٻايون بہ رهيون پر الائي ڇو؟ انهن جو جوڳ بہ نرواڻ ڪان اڳ ۾ مندر جي گِهندڻ جي نظر ٿي ويو، اُهي گوپيون داسيون ۽ ميران ٻايون پِتل جي سونهري گِهندڻ جي موھ ۽ آوازن ۾ رام ڪٿا جي ڪٿڪ کي وساري، پنهنجي ئي شور ۽ گمسان ۾ گم ٿي ويون.

سوچيان ٿو، هي صدين جو تسلسل، هي جُڳن جي رياضت ڪيڏانهن وئي؟ هي سانگ هي ڳاهه، هي قصا هي داستان، هي بيت سورٺا ۽ وايون ۽ سنڌ جي شهزادي شاهه لطيف جون ڇٽيل باريڪ مختصر تصويرون ڇو ڏنڌليون ٿي ويون، جن جي رنگن ۽ رمزن ۾ ڪھاڻي اسانڪان ايئن ڏور ٿي وئي، ايئن رُسي وئي جيئن مومل ڪان راڻو رُٺو هو، اسان پنهنجي تهذيب ۽ ساهت جي محل ۾ جيڪي بہ ڪھاڻي ڪتا جون ڏياٽِيون ٻارِيون هُيون سي ايئن اُجهامي ويون جيئن اوچتو راهہ ۾ ڇانوءَ اُجهامي ويندي آهي، اڄ نہ اُهو محل نظر اچي ٿو نہ اُهو ڪوٺو (بالاخانو) ئي آباد آهي، زندگي جي پنجين موسم ڪانپوءِ ڪھاڻيءَ جو بالاخانو بہ اُجڙي ويو، جتي ڪھاڻي محبوبا جو رقص ۽ ڪٿڪ ڏسڻ لاءِ وڏا وڏا قدردان ايندا هئا. ساڻس اکيون مِلائيندا هئا، دليون هارائيندا هئا، داد ڏيندا هئا، دان ونندا هئا ۽ پوءِ اُها محبوبا رقاصا (ڪھاڻي) ڏسندي پسندي، لڪندي پڙهندي پاڻ بہ ڪا ڪھاڻي بڻجي ويندا هئا. انهن قدردانن ۽ چاهيندڙن مان هڪڙو جمال ابڙو بہ هو، جنهن ڪھاڻيءَ مجبوبا سان خوب افيئر لڙايو، هن سندس ڪوني تي ڪل ٻارنهن بينڪون ڪيون، ڪھاڻيءَ محبوبا بہ مٿس موهجي پئي ڪيس جمال ابڙي طرفان ڏنل داد ڏاڍو پانئڻ پيو، هوءَ مِڙي سندس ويجهو بہ آئي پر جمال الائي تہ ڇا سوچي ڪھاڻيءَ جي بالاخاني تان رَمتو ٿي ويو ۽ وري ڪڏهن بہ سندس ڪوني تي نہ چڙهيو نہ وريو. سالن تائين ڪھاڻي رقاصا جي پيرن جا گُهنگھرو ۽ ڪٿڪ جا خدوخال جمال جي داد لاءِ واجهائيندا رهيا، ڪيڏو نہ بي رحم عاشق هو جمال بہ ڪيڏو نہ بي ڇيو چاهيندڙ هو جمال بہ!؟

جنهن پنهنجي مرضيءَ سان ڪهاڻيءَ جا ڪوتا لتاڙيا پر ”رات گئي بات گئي“ وانگي ڪڏهن يادگيري طور بہ پنهنجي محبوبا ڪهاڻيءَ کي نہ سارياٸين جنهن ٻارنهن ويهڪن ۾ پنهنجا وڏا راز ۽ رمزون ڪيس سمجهائي ڇڏيون هيون.
”مان مرد“ ۾ جمال جيتوڻيڪ وڏيون دعوائون ڪندي ’مڙس ماڻهو ٿيڻ‘ جون نصيحتون ڪيون هُيون پر پاڻ زندگيءَ جي زائفان صفت ادائن جي رنگ ۾ ڪوئجي ويو، ڪنهن اٽاسي جيان پنهنجو سڀڻ پنهنجو پريم وساري وينو. زندگيءَ جي پڇاڙڪن لمحن ۾ جيتوڻيڪ هُن پنهنجي ’يادن جي بارات‘ مطلب ’آتم ڪٿا‘ تہ لکي ڇڏي پر جوانيءَ جي عشق ۽ اُنس جو ڪانڊي بہ نہ ٿيو، جنهن کي ذري گهٽ هو ماري نڪتو هو. هي اُهو ئي عشق، هيءَ اها ئي رقاصا ڪهاڻي هئي نہ جنهن پنهنجي رقص ۽ ڪٿڪ سان ڪيس ڪٿا سمجهائي هئي، جمال جڏهن رقص ۽ ساز جي اُن جهنڪار تي چپٽي وڄائيندي پنهنجي آڱرين کي چوريو هو تہ تاريخ ڪيس هڪڙو ناقابل فراموش ڪهاڻيڪار ٻڻائي ڇڏيو هو، ڪير ڪيئن بہ چوي آئون جمال ابڙي کي بيوفا ضرور چوندس، زندگي جي اَنن ڏهاڪن ۾ جيڪڏهن هو سال جي هر خزان ۽ بهار ۾ ئي پنهنجي محبوبا کي ساري ها تہ جيڪر سوين لاجواب ۽ شاهڪار ڪهاڻيون سنڌ جي نقشي ۽ اِتهاس تي تارن جيان ٽمڪنديون رهن ها ۽ سنڌ جي ساهتي تاريخ جي ورقن ۾ اِها ساک ڏينديون رهن ها تہ سنڌي ڪهاڻي نہ پوڙهي ٿي آهي نہ وري مُئي آهي، نہ ڪا ڪيس گولي لڳي آهي نہ وري ڪنهن ٻئي حادثي ڪيس عليل ڪمزور يا معذور ڪيو آهي.

ساڳئي طرح سراج به ڪهاڻيءَ ڪان هٽڙو چڙائي ويو.
آئون جمال ۽ سراج کي ڪهاڻيءَ جا به اهڙا ڇيڙا سمجهان ٿو جن ڪهاڻيءَ جي گلوب کي روشن ۽ متوازن رکيو آهي، هڪڙو جيڪڏهن ڪهاڻيءَ جو اُتر قطب آهي ته ٻيو وري ڏکڻ قطب آهي. باقي جا ٻيا سمورا ڪهاڻيڪار ڄڻ ته ڪهاڻيءَ جي گولي (گلوب) جون ڊگهائي ۽ ويڪرائي ڦاڪون آهن، جن ڪهاڻيءَ جي گلوب ۽ ماحول ۾ موسمي تبديليون آڻڻ سان گڏوگڏ وقت جا ڪانٽا بيهاريا آهن.
سراج جنهن ڪهاڻيءَ کي درد سمجهندي به ايئن ئي چيو ۽ سڏيو ته هلي آءُ، مطلب ته "اي درد هلي آءُ.." هُن ڪهاڻيءَ جي ڪوني تي وجي سندس جُوڙي ۾ گل لڳايو، رقص ڪندڙ ڪهاڻيءَ سندس داسي ٿيڻ قبوليو پر سراج به سندس آڇ کي رد ڪري ڇڏيو. سراج، ڪلا جي اُفق تي ڪهاڻيءَ کي نون زاوين سان ٽانڪي بيهاريو، ديسي رقاصا ۽ ڏيهي محبوبا (سنڌي ڪهاڻي) کي اهڙو ته ٻاهريون (ولايتي) ويس پارايو جو وجي ٿيا خير، مطلب ته سراج ڏارئي سينگار ڏارئي رنگ (ميڪ اپ) جي اهڙي ته پنهنجائپ سان سندس چهري تي پيوند ڪاري/گُلڪاري ڪئي جو ايئن لڳو ڄڻ هي ڪهاڻي هي رقاصا نه پر هي سمورو آسمان هي سمورو آڪاس هي سمورو ميدان پنهنجو آهي ۽ اِهو تصور تڪ ختم ڪري مِٽائي ڇڏيو ته "هڪ سج به پاڇا" به ڪي ٿيندا آهن!؟ ۽ پوءِ جڏهن سراج پاڻ سورج ٿي ويو ته هُن ڪهاڻيءَ جي سموري پَٽ سموري ڪوني سموري ڌرتيءَ کي اونڌاهو ڪري رکيو، سورج هوندي به سراج هڪ ڪرٽو اُن ڪوني (ڌرتيءَ) تي وارِد نه ڪيو جتي سندس محبوبا ڪهاڻي

رقاصا سندس اوسيئڙو ڪندي رهي، سراج ڪي ڇتي ڇهه ماهي به ڪهاڻيءَ جي بالاخاني تي وجي ڏيئو ٻارڻ گهرجي ها... پر الائي ڇو هُن بہ جمال ابڙي جيان ڪهاڻي محبوبا ڪان مُنهن مٽيو تہ وري ڪيس موٽي نہ نِهاريائين.

سراج اسانجي ساهت جو ٻرندڙ ۽ چمڪندڙ سورج آهي پر هُن به ويچاري ڪهاڻيءَ سان بيوفائي ڪئي، ساڻس فِلرٽ ڪندي ڪيس ڇڏي رولي ويو.

نسيم تي ميار، اِن لاءِ بہ ناهي جو نسيم ڪهاڻيءَ جي پڙ مان باد نسيم بڻجي وقت ڪان گهڻو اڳ ۾ روانو ٿي ويو، شايد اِن ڪري بہ جو جيڪڏهن نسيم سحر ٿيڻ تائين ڪهاڻيءَ جي آستان تي پلتي هڻي وينو رهي ها تہ شايد ڪهاڻي محبوبا سندس ئي ٿي رهجي وجي ها، يا وري رقص ۽ ڪٿڪ ڇڏي ساڻس پيجي نڪري ها. پر نسيم اُن اينٽي ڪِلائيميڪس ڪان اڳ ئي پاڻ هڪڙي ڪتا هڪ ڪهاڻي بڻجي ويو. امر (امرجليل) وري مارگلا جي وادين ۾ وڃڻ ڪان اڳ ۾ ڪهاڻي محبوبا جون سموريون پرچيون "بارنيس اسٽريٽ" جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ اچلائي ڇڏيون ۽ مارگلا جي موهہ ۾ نئين "دل جي دنيا" بڻائي ۽ وسائي وينو، ڪهاڻي محبوبا جيتوڻيڪ سندس هٿ پڪڙي ڪيس گهڻو روڪيو، جَهليو ۽ اهو بہ ڪيس چيائين تہ

"اچ توکي آئون پنهنجو امرت پياري امرتا بخشيان" پر هُن سندس هڪ بہ نہ ٻُڌي، جنهن ڪري امرجليل بہ جهڙو بيوفا ثابت ٿيو. هاڻي بہ ڪهاڻي امرجليل جون راهون تڪي رهي آهي ڪيس سڏي رهي آهي ۽ هو وري دانشوري جي خول ۾ پاڻ سُجاڻن جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

سوچيان ٿو، سوچيان اِن ڪري ٿو جو اِها منهنجي محض سوچ آهي، سوچيان اِن ڪري ٿو ته ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ آئون ڪهاڻيءَ جي ڪوٺي تي چڙهي ويو هوس، عجيب ويرانيءَ وارو سمان هو، سمورين سيڙهين تي دز ۽ مٽي پکڙيل هئي، جيتوڻيڪ ڪهاڻي جي چاهيندڙن جي پيرن جا ميٽوٽا نشان ۽ اچلايل گُل، مُرجهايل/سڪل حالت ۾ پَٽَ تي پيل هئا مون جڏهن ڪهاڻي محبوبا جي ڪوٺي جو دروازو کوليو ته اندر اونداهه ڀاٽ هئي، ڪهاڻيءَ محبوبا جيڪا مُنهن مونن (گوڏن) ۾ لِڪائي پنهنجي اڪيلائيءَ تي روئي رهي هئي، اُن مون ڏانهن ڪنڌ کڻي نهاريو ته چوڏس چانداڻ ٿي وئي، ڪن پل ۾ ئي تمام گهڻي روشني ڦهلجي وئي، اهڙي روشني جهڙي ورهاڱي کان اڳ توڙي پوءِ سالن تائين سنڌي ادب جي آڪاس تي هئي.

ڪهاڻي اُن لمحي ٻه اهڙي ئي هئي، جهڙي صديون اڳ هئي، منجهس رتِي جو ٻه فرق نه آيو هو، ها پر هار سينگار ۽ ناهه نوهه نه هئڻ ڪري ڪجهه مُرجهايل ۽ وجايل ٿي لڳي. هُن مونکان پنهنجي چاهيندڙن ۽ ماضيءَ جي عاشقن جو سربستو احوال پُڇيو هُن مونکان حفيظ قريشيءَ، رباني آگري، عثمان انصاري، عبدالحق عالماڻي کان ويندي جمال ابڙي، سراج الحق، نسيم کرل، امر جليل، آغا سليم، عبدالقادر جوڻيجي، ابن حيات پنهور، نجم عباسي، غلام نبي مغل، علي بابا، ماڻڪ مُنير، مدد سنڌي، مشتاق ۽ شوڪت شوري، ملڪ آگاڻي، رحمت ماجوٺي، منظور ڪوهيار، مُراد قريشي، طارق قريشيءَ ۽ ٻين ڪيترن جو پتو معلوم ڪيو، مون ڪيس ٻڌايو ته ”هڪڙا

ويچارا تنهنجا چاهيندڙ هي فاني جهان ڇڏي ويا، باقي جيڪي آهن سي چاڪ چڱا ڀلا آهن، مولا ڪين وڏيون ڄمارون ڏي.“
هُن پُڇيو” ڀلا ڪٽي گم آهن منهنجا اُهي پرين پيارا، صفا وساري ويهي رهيا مونکي، وري ڀيرو ئي نہ ڀڳائون.“
هو وڏي ٿوري ويجهو آئي ۽ چيائين ”ڏس آئون تہ اُهائي ساڳئي آهيان ذور بہ ناهيان بدلي، پوءِ ڇو مونکان مُنهن موڙي ويا...؟“
مون ڪيس چيو” تون تہ اڄ بہ سموري سُندرتا ۽ سونهن آهين، تنهنجي ڪٿڪ ۽ رقص ۾ اڄ بہ اهو ئي ڪمال ۽ عروج آهي، تنهنجون ادائون بہ ساڳيون آهن...“
هُن وري چيو ”ڀلا ٻُڌاءَ تہ منهنجا چاهيندڙ منهنجا عاشق ڇا پيا ڪَن؟“ مون ڪيس نہ ٻُڌائڻ چاهيندي بہ ٻُڌايو تہ ”تنهنجي چاهيندڙن مان ڪِن ڊرامن ۽ ناٽڪن سان دوستي ڪري ڇڏي آهي تہ ڪِن وري ڪرسين سان ياري رکي ڇڏي آهي، ڪي تحقيق تي موهجي پيا آهن تہ ڪِن ڪي وري عهدا ۽ اين جي اوز ڳڙڪائي ويا آهن، ڪن ڪي وري ميڊيا چٽي وئي آهي باقي جيڪي اجان توتي فدا آهن تن جو حال اِهو آهي جو وٽن توکي داد ڏيڻ لاءِ ڪجهہ بہ ناهي، ايتري قدر جو توکي مصنوعي گل ئي ارپڻ لاءِ وٽن سفيد ڪاڳر بہ ناهن.“
هُن وري پُڇيو ” ڀلا اُهي گوپيون، داسيون ۽ ميران ٻايون ڪٿي آهن؟ جيڪي منهنجون سهيليون هُيون.“
ڪن پل خاموش رهيس پوءِ سوچيندي چيم، ” اُنهن جي تہ مونکي بہ خبرناهي پر شايد اُهي پنهنجي سپنن جي دنيائُن سان پرڻجي اُنهن ۾ ڪوئجي ويون.“

اُن وقت سندس اکين ۾ لڙڪ اچي ويا، هن ”پنهنجي زميندار جي ڳالھ“ ڪان وٺي سموري وارتا مونکي ٻڌائي ۽ آخر ۾ چيائين، ” تو وٽ منهنجي سمورن چاهيندڙن کي منهنجو سِڪ پريو سلام چئجان ۽ کين اِهو چئجان تہ هو مونسان بيوفائي ڪري ويا پر مون اڄ سوڌو ساڻن بيوفائي ناهي ڪئي، هو اڄ بہ منهنجي حوالي سان زندھ آهن، منهنجي حوالي سان ڄاتا سُڃاتا وڃن ٿا ۽ کين اِهو بہ ضرور چئجان جيتوڻيڪ آئون اڄان بہ آسروند آهيان تہ ڪو نہ ڪو منهنجو سچو چاهيندڙ مداح ضرور ايندو جيڪو مونسان توڙ نڀائيندو، پر جي مان مري پيس تہ پوءِ ڪير کين سارڻ ۽ سڃاڻڻ وارو هوندو؟؟

جڏهن شمع ئي نہ رهندي تہ پروانا ڪير ساريندو!! پروانن جو ذڪر ڪير ڪندو؟

# غيرت جي ذات



**عباس ڪوريجو**

منهنجو تواڻي باز چاچو علاج واسطي ڳوٺان شهر آيو هو، مون وٽ هڪ هفتو ترسيو ۽ هڪ ڏينهن چتي ڪاوڙ ڪندي چيائين ” :تون هتي شهر ۾ ڇا گهر ورتو، صفا غيرت ختم ٿي وئي اٿئي، تو واري ڌيءُ پاڻ بس تي اڪيلي پڙهڻ وڃي ٿي ۽ شام جو ٿي واپس وري، جوءِ تو واري وٽي ٿي مارڪيٽ مان ٽماٽا بصر وٺندي... اٿئي ڪا غيرت “!!!مان چپ چاپ ڪيس ٻڌو پئي ته باقي ٻچيل ڪجھ ڏند ڪرٽيندي چيائين: ” سڀ ڏند پڃي پيا اٿئي، عقل واري ذات ٻه نڪري وئي اٿئي، دعا ٿو ڪريانءِ ته هاڻ اگر ڪا ذات ڦٽي نڪرئي ته شل غيرت جي ذات هجئي “!!

مان دودو آهيان

روپا ماڙيءَ جو رستو پڇائيندي پڇائيندي رڻ ۾ وڃي نڪتو هوس، پري ڪان سائي رنگ جو مقبرو نظر پئي آيو. ڊگهي ڪلراٺي ڪچي رستي سان نه ماڻهو نه پاڇو، رڙهندو وڃي ويجهو پهتم. مقبرو دودي جي غرور جيان ڪنڌ مٿي ڪيو بيٺل هو .منهنجي خيالن ۾ جڙيل روپا ماڙيءَ جي محل وارو

تصور پري پورا پورا ٿي ويو جڏهن مقبري جي پنئين پاسي رڳو ڦٽل ۽ ڊنل آثار نظر آيا .مقبري جو دروازو کولي اندر گهڙي پيم، وڏي اُپي شانائتي قبر محسوس پئي ڪرايو ته ڪنهن دلير ۽ سورهيه مڙس کي ٻڪي رکيو اٿس. قبر جي پرسان اچي عقيدت وچان هٿ لاهڻ مس چاهيو ته ڪڙڪيدار آواز چرڪائي وڌو ” .متان هٿ لاتو اٿئي “!پوئتي نهاريو ڪوبه نه هيو، اڳيان نظر ڦيرائي به ڪو نظر نه آيو، ڊوڙي دروازي تي آيس، ٻاهر به ڪوئي نه هو. حيران رهجي ويم ته ڪنهن جو آواز هو ” .ڪير آهين!؟ ۽ ڪيئن پلجي هيڏي آيو آهين؟ “ٻيهر چرڪندي پوئتي نهاريو، محسوس ٿيم ته آواز قبر جي پر مان پئي آيو .گهبرائيندي تعارف ڪرايم، ”ڏرتيءَ جو خادم آهيان، ڏرتيءَ جي هن سورهيه پٽ جي حاضري پرڻ آيو آهيان ” “.واپس هليو وڃ ” “!!.....چو واپس وڃان...؟؟ ۽ توهان ڪير پيا ڳالهايو؟ ” “مان دودو آهيان “!!!منهنجا تاڪ ملي ويا، حيرت ۽ همت کي گڏي چيم ” :منهنجي لاءِ فخر جهڙي ڳالهه آهي ته توهان مون سان مخاطب ٿيا آهيو ” “!مون ستل ذهن ۽ ضميرن واري قوم جو فخر ٿيڻ نه چاهيو هو، اها قوم جيڪا پنهنجي سورهين کي رڻ ۾ رولي ڇڏي، آئون ان قوم جو سورهيه پٽ سڏرائڻ نٿو چاهيان..... هتان واپس هليو وڃ” “!دودا...! يار ائين نه ڪر ” “!توکي چيم ته واپس وڃ ۽ سيني کي ٻڌائي ڇڏ ته توهان وارو دودو هاڻي مري چڪو آهي آئون هاڻِي فقط سومرن جو پير آهيان.

سنهڙي جي جنڙي

ڳوٺ وارن جو چوڻ آهي تہ هن کي مادي جنڙي آهي، جيڪا هر وقت هن سان گڏ گڏ رهي ٿي، هو بظاهر اسان سان گڏ آهي پر غيبي طور ان جنڙيءَ سان گذاري ٿو. ويهن سالن جي عمر ۾ پيي صفا ٻار لڳي ٿو. ماڻس نالو تہ سهڻو رکيو هئس پر جسماني هيڻائي ۽ ڪمند جي ڳنين جيترين سنهين ٽنگن ۽ ٻانهن هجڻ ڪري سڀ سنهڙو چئي سڏيندا هئس. اهو بہ مشهور آهي تہ ننڍڙو هو تہ صفا سهڻو هيو، مٿان وري ماڻس تيل سرمو ڪري پينگهي ۾ اڪيلو سمهاري پاڙي وارن جي گهر هلي وئي، ان وقت اها جنڙي هنن جي گهر مٿان اڏامندي گذري رهي هئي ۽ هن تي نظر پوندي ئي عاشق ٿي پئي. هيٺ لهي آئي ۽ هن جي پينگهي پرسان ويهي هن جي زُبان چوسي هيائين، جنهن ڪري هي اڪثر خاموش رهندو آهي، جنڙي جڏهن اجازت ڏيندي اٿس تہ ڪجهہ ڳالهائيندو نہ تہ الي الي خير صلي .ڳوٺ ۾ اهو پڻ چوٻول آهي تہ جنڙي اڌ رات جو هن کي اڏاري ڪٽي ويندي آهي ۽ ڳوٺ جي ٻاهران جهتن سان ڳتيل فقيرياڻي ڪجيءَ تي ويهاري ڪچهري ڪندي آهي ۽ ملان جي آزان سان گهر واپس ڇڏي ويندي اٿس .هن جي ناني نہ ڇڏيو آهي ڪو پير پٽ تي، جنهن جي خبر پونديس، ٻئي ڏينهن اتي پهچي ويندي ۽ هن لاءِ تعويذ ضرور وٺي ايندي. چاليهن ڪان مٿي تعويذ ۽ سڳا ڳچيءَ ۾ لڙڪي رهيا هوندس. هڪ رات هن جي نانيءَ کي خواب ۾ اها جنڙي آئي ۽ ڌمڪائيندي چيو هئائينس تہ پيرن ۽ فقيرن جي درگاهن ۽ آستانن تي تعويذ سڳن لاءِ ڊوڙڻ بند ڪري نہ تہ ڇوڪري کي معذور ڪري ويهاري ڇڏيندي. هن جي نانيءَ کي بہ سائين ڪندن واري پير

جو ڏاڍو سورن سان هٿ چڙهيو هوس، اهو ڇوڪري جي ڏوري ۾ ٻڌي ڇڏيو هئائين .فقيرياڻي ڪجيءَ جا قصا ته سڄي جوءِ ۾ مشهور آهن. ڳوٺ جا جهونڙا ٻڌائيندا آهن ته جڏهن اهي ننڍڙا هئا تڏهن پڻ اها ڪجي ايتري ئي ڏکي ۽ ايترو ئي جهتن ۾ ڳتيل هوندي هئي جيئن اڄ آهي. ڳوٺ جو هڪ سئو سال ڪراڙو ته ايترو پڻ ٻڌائيندو آهي ته اها ڪجي ان جي پڙ ڏاڏي پوڪي هئي پر جڏهن کان فقيرياڻي جنڙيءَ ان کي پنهنجو مسڪن بڻايو ته اها ائين ويران ٿي وئي .ڳوٺ جي چوڪيدار ڏهه سال پهرين رات جو جيڪو لقاءُ ڏٺو هو سو ته سڄي جوءِ کي خبر آهي ٿيو ائين هيو ته ڪجهه چور ان ڳوٺ مان رات جو چوري ڪيل سامان سان گڏ پنڌ ڪري ڪري ٿڪجي پيا پر ان فقيرياڻي ڪجيءَ جي چانڊوڪي ۾ نظر ايندڙ ڇانوَ پاڇي ڪان ٻه ٻاهر نڪري نه سگهيا، آخر تنگ ٿي سامان ڦٽي ڪري وڃي پڳا. صبح جو اهو سامان مالڪن کي موٽايو ويو. سامان جي مالڪن مٺا لولا ۽ بسريون ناهي شام جو فقيرياڻي ڪجيءَ جي جهتن پرسان رکي هليا آيا ۽ جڏهن صبح جوسڄي ڳوٺ اهي ٿالهيون خالي ڏٺيون ته ڪين پڪ ٿي فقيرياڻي جنڙي اهي کائي ورتيون هونديون .هڪ ڏينهن سنهڙي جي نانيءَ کي هڪڙي فقير گهر جي در تي اچي چيو، ” ڇوڪري جا سڀ تعويذ لاهي پراڻي کوهه ۾ اڇلي ڇڏ ۽ فقط هي هڪڙو تعويذ ٻڌي ڇڏيس، اها جنڙي گيسيون ڪندي هتان هلي ويندي .ٻئي ڏينهن ائين ٿيو جو سنهڙي کهاڙو ڪنيو ۽ اچي بينو ڪجيءَ جي پير ۾. هڪڙيءَ جهٽ ۾ سڄو ڳوٺ اچي ڪنو ٿيو. سنهڙي جي ڪمزور ٻانهن ۾ الائي ڪٿان سگهه آئي هئي ويو پئي جهت اکيڙيندو ۽ نيٺ

ڪجيءَ جي پاڙ ڳولي لڌائين. ڳوٺ وارا خوف وچان ڪلمان پڙهڻ لڳا .سنهڙو ڪهاڙي سان ڪجيءَ جي پاڙ تي وار ڪندي پڳهر ۾ ڇم تي ويو هو، ڪٺ جي ٿلهي پائي جيتري سندس ڇاتي ڦوڪجي وئي هئي، ڳوٺ وارا اوچتو ڪجهه ٿيڻ جي خوف ۾ رڙي رهيا هئا، تيستائين سنهڙو ڪجيءَ جو ڪم تمام ڪري چڪو. ڏسندي ئي ڪجي وجي پٽ تي ڦهڪو ڪيو هو. سنهڙي ڳوٺ وارن ڏي خونخوار نظرون ڦيري رڙيون ڪندي چيو: ” ڪٽو پنهنجي ماءُ ڪي.... هتي ڪابہ جنڙي ناهي رهندي، اهي لولا ۽ بسريون مان ئي ڪائيندو آهيان، ماڻهوءَ کان وڏو ڪوبہ جنُ ناهي هوندو اهو فقط توهان جي انڌي عقيدي جو جِنُ هيو “.اهو چئي سنهڙو ڪهاڙو هٿ ۾ ڪٽي ڳوٺ ڏي نڪري ويو ۽ ڳوٺ وارا ان فقير جي ڳولا ۾، جنهن آخري تعويذ ڏنو هو.